
ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) آچر 13 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 30 ربيع الاول 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (29)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Sunday 13th September 2026

نون ليگ ۾ نون صوبن بابت مشاورت، پارليامينٽ ۾ پاليسي بيان ڏيڻ جو اعلان، قومي اسيمبلي اهڙو ڪو ٺهراءُ منظور نٿي ڪري سگهي: سنڌ حڪومت

جيڪڏهن عوام نوان صوبا چاهي ٿي ته ڪير به روڪي نٿو سگهي، عوام جي خواهش جو معاملو پارليامينٽ ۾ ئي طئي ٿيندو، اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ نتيجا ڏيندڙ ثابت نه ٿيندو: راڻا ثناءُ الله
اهو معاملو پارليامينٽ ۾ بحث هيٺ ايندو ته ان تي بامقصد بحث ٿي سگهي ٿو، اجا تائين پارليامينٽ يا ڪابينا ۾ نون صوبن بابت ڪا ڳالهه ناهي ڪئي، ڪابينا ۾ پڻ اهو معاملو اڃا پيش ناهي ڪيو ويو
پارليامينٽ جي گڏيل اجلاس منظوري ڏني ته پوءِ ريفرنڊم ٿيندو. وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي تقرير، بيانن ۽ مختلف فورمن تي ڳالهائڻ سان ڪو فائدو نه ٿيو اها ڳالهه پارليامينٽ ۾ ٿيڻ گهرجي ها
نون صوبن بابت مسلم ليگ (ن) جي موقف تي مشاورت جاري آهي، پارٽي اندر بحث ۾ حصو وٺندي ۽ وزيراعظم به ان معاملي تي ڳالهائيندو، صوبن بابت معاملو پارليامينٽ ۾ اينلو ته نون ليگ پنهنجو پاليسي بيان ڏيندي
جماعت اسلامي جي اڳواڻن کي درخواست آهي ته پاڻ کي مشڪل ۾ نه وجهن مسلم ليگ (ن) جي پڻ اها ئي خواهش آهي ته پيٽروليم شين جون قيمتون گهٽ ٿين: وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار جي پريس ڪانفرنس
نون صوبن بابت هرڪو ڳالهائي ٿو، ڳالهه ٻولهه ٿي سگهي ٿي ته قومي اسيمبلي ۾ ڇو نه ٿي سگهي، قومي اسيمبلي ۾ نون صوبن بابت بحث پلي ٿئي، پر اها نون صوبن بابت ٺهراءُ منظور نٿي ڪري سگهي: صوبائي وزير سعيد غني

لاهور/ڪراچي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) وزيراعظم جي سياسي معاملن بابت صلاحڪار راڻا ثناءُالله چيو آهي ته صوبن بابت بحث اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ نتيجا ڏيندڙ ثابت نه ٿيندي، صوبن بابت بحث لاءِ پارليامينٽ ئي مناسب فورم آهي لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي راڻا ثناءُالله چيو ته جيڪڏهن عوام نوان صوبا چاهي ٿي ته ڪين ڪير به روڪي نٿو سگهي، عوام جي خواهش جو معاملو پارليامينٽ ۾ ئي طئي ٿيندو، گهرو وزير جي نون صوبن بابت بيان تي سوال جي جواب ۾ راڻا ثناءُالله چيو ته اڪنامڪ فورم يا سيمينار ۾ صوبن بابت بحث نتيجا خيز نه رهندو جڏهن ته بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2



هزاره صوبي سميت نوان صوبا ضرور ٺهندا: سردار يوسف

هزاره ڊويزن ۾ ميگا پراجيڪٽس شروع ڪيا ويندا: مذهبي معاملن جو وزير
خيبرپختونخوا اسيمبلي هزاره صوبي بابت 3 ڀيرا قراردادون منظور ڪري چڪي آهي

مانسهره (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وفاقي وزير سردار محمد يوسف چيو آهي ته مسلم ليگ (ن) جي حڪومتي دور ۾ هزاره ڊويزن ۾ ميگا پراجيڪٽس شروع ڪيا ويندا، ملڪ ۾ هزاره صوبي سميت نوان بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

موجوده نوجوانن جي مسئلن جو حل سيرت طيبه ۾ آهي: احسن اقبال

تعليم ۽ تحقيق کان پري رهڻ ئي مسلمانن جي زوال جو سڀ کان وڏو سبب آهي
اسان جو مقصد نوجوانن کي نبي ڪريم ﷺ جن جي اعليٰ تعليم سان جوڙڻ آهي

لاهور (اي پي پي) رابطي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته موجوده وقت جي مسئلن جو حل سيرت طيبه ۾ آهي. تعليم ۽ تحقيق کان پري رهڻ ئي مسلمانن جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءُالله ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي



هانگ ڪانگ: وفاقي وزير جام ڪمال مختلف ملڪن جي وزيرن سان ملاقات ڪندي

ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي: موسميات کاتو

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي اڳڪٿي ڪئي آهي ته ايندڙ 24 ڪلاڪن دوران ملڪ جي اڪثر ميداني علائقن ۾ موسم گرم ۽ گهميل رهندي، جڏهن ته بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ واري لانگ مارچ جي پرامن رهڻ جي اميد ناهي، 9 مئي جهڙي حرڪت ڪئي وئي ته نتيجا ڀوڳڻا پوندا: وفاقي حڪومت

پي ٽي آءِ اڳواڻن حڪومت ڪيرائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي، پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي حوالي سان سندن ترجمان چٽي رهيو آهي ته هو مارچ ذريعي نظام کي ختم ۽ حڪومت کي ڪيرائڻ چاهين ٿا: راڻا ثناءُ الله
معاملو عدالت ۾ به پڌٽي هيٺ آهي، ڪنهن جا ارادا حڪومت ڪيرائڻ جا هجن ته لازمي آهي ته هو تشدد طرف ويندا، ميڙاڪي جي قيادت ڪندڙ ڪجهه ترين هٿياربند ٿي سگهن ٿيون
افغان ماڻهو به ان صورتحال مان فائدو کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪي بلوچستان ۽ خيبر پختونخوا ۾ بدامني ۽ دهشتگردي ۾ ملوث آهن ۽ سرحد جي ٻئي پاسي انهن جي تربيتي ڪيمپ موجود آهي
پوري دنيا ۾ هن وقت پاڪستان کي جيڪا عزت ملي آهي اها به وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي ان عزم جو نتيجو آهي
وزيراعظم محمد شهباز شريف گڏيل قومن جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ ويجي رهيو آهي، اتي سڄي دنيا جا اڳواڻ موجود هوندا ۽ وزيراعظم جون انهن سان ملاقاتون به ٿينديون: پريس ڪانفرنس کي خطاب

لاهور (اي پي پي) مسلم ليگ (ن) جي اڳواڻ راڻا ثناءُ الله چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جي پرامن رهڻ جي اميد ناهي، انهن جي اڳواڻن حڪومت ڪيرائڻ جي ڳالهه ڪئي آهي جيڪڏهن پي ٽي آءِ 9 مئي جهڙي حرڪت ڪئي ته ان جا نتيجا ڀوڳڻا پوندا، اهڙن گروهن کي روڪڻ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جو فرض آهي انهن خيالن جو اظهار هن چنچر تي ماڊل ٽائون ۾ پريس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

سڄي پاڪستان جي عدالتي آفيسرن لاءِ هيلٿ انشورنس جي سهولت فراهم ڪرڻ جو فيصلو

ماتحت عدليه انصاف واري نظام جي ڪرنگهي جي هڏي آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

عوامي اعتماد ديانتداري سان حاصل ٿيندو آهي، عدالتي نظام ۾ سڌارن لاءِ زميني حقيقتن کي سمجهڻ ضروري آهي
سمورا ادارا پنهنجون ذميواريون احسن انداز ۾ ادا ڪن ۽ نوجوان ججز بهترين انداز ۾ انصاف جي فراهمي يقيني بڻائين
عدليه ۾ بهتري ۽ عوام کي انصاف تائين پهچ جي پروگرام تحت هلندڙ سال 3 ارب روپين کان وڌيڪ جا فنڊز جاري ڪيا ويا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته عوامي اعتماد وراثت ۾ ناهي ملندو پر ديانتداري سان حاصل ٿيندو آهي عدالتي نظام ۾ سڌارن لاءِ زميني حقيقتن کي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ بلدياتي ترميمي بل 2026ع جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جي خاص ڪميٽي جو اجلاس

سنڌ حڪومت بلدياتي نظام ۾ استحڪام، تسلسل ۽ مقرر وقت تي چونڊون چاهي ٿي: لنجار

اسان ترميم تجويز ڪئي آهي ته بلدياتي ادارن جي مدت مڪمل ٿيڻ کانپوءِ 120 ڏينهن اندر چونڊون ڪرائڻ جو عمل يقيني بڻايو وڃي
تجويز آهي ته نئين بلدياتي چونڊون ٿيڻ تائين موجوده ميئر ۽ بلدياتي نمائندا پنهنجي عهدن تي برقرار رهن: صوبائي گهرو وزير
ٻين سياسي پارٽين طرفان پيش ڪيل ڪجهه ترميمن کي پڻ قانون سازي جي عمل ۾ شامل ڪيو ويو آهي، اسان جو چاهيندا سين ته بلدياتي نظام بهتر نه ٿئي؟

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ بلدياتي ترميمي بل 2026ع جي معاملي تي سنڌ اسيمبلي جي خاص ڪميٽي جو اجلاس صوبائي گهرو ۽ قانون واري وزير ضياءالحسن لنجار جي صدارت هيٺ ٿيو بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

آمريڪا ناڪابندي ختم ڪري ته هرمز کوليندا سين: ايران جو مشروط اعلان

سومر ڏينهن مسقط ۾ ايران ۽ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيندو، عمان ۽ ايران وچ ۾ معاهدي تي صحيحون ڪيون وينديون
اجلاس ۾ اهي سمورا ملڪ شرڪت ڪندا، جن جي سرزمين تان اسان تي حملو ڪيو ويو هو: ايران جو صدر مسعود پزشڪيان
سامونڊي رستو کولڻ رستو ناهي جنهن تي اسان جي زندگي جو مڪمل دارومدار هجي، آمريڪا پنهنجي هن طريقي ۾ به ڪامياب نه ٿيندو

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني صدر مسعود پزشڪيان جو چوڻ آهي ته سومر ڏينهن مسقط ۾ ايران ۽ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن جو اجلاس ٿيندو اجلاس ۾ عمان ۽ ايران وچ ۾ معاهدي تي صحيحون بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم يوٿ پروگرام ۽ ايس ڊي پي آءِ وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون

تقريب ۾ وزيراعظم يوٿ پروگرام جو چيئرمين مشهود احمد خان، جوائنٽ سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد علي پڻ شريڪ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم يوٿ پروگرام جي چيئرمين راڻا مشهود احمد خان جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي اجلاس جي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوامي مسئلن جي حل ۽ ماڻهن کي رليف فراهم ڪرڻ تي يقين رکي ٿي: شرجيل ميمڻ

حڪومت عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪرڻ سان گڏ صوبي ۾ بنيادي شعبن کي بهتر بڻائڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي
سنڌ ۾ صحت جي نظام ۾ اهم بهتري آئي آهي، جڏهن ته ٽرانسپورٽ ۽ تعليم جي شعبن ۾ پڻ اهم قدم کنيا ويا آهن
رانديڪن جا ميدان ٺاهيا پيا وڃن ۽ نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن: ملاقات لاءِ ايندڙن سان ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ سان بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ مسئلا ٻڌي رهيو آهي

موجوده حڪومت پنهنجي 5 سال جي مدو پورو ڪندي: راڻا تنوير

ڪجهه ڏينهن کان افواهه ڦهلائيندڙ پنهنجي موت پاڻ مري ويندا
شيخوپوره ۾ فاروق آباد کان لاهور تائين روڊ جي تعمير ڪجهه ڏينهن اندر شروع ٿيندي

شيخوپوره (اي پي پي) وفاقي وزير راڻا تنوير حسين چيو ته ملڪ ۾ هن وقت مضبوط حڪومت هلي رهي آهي. ڪجهه ڏينهن بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڀارتي پوليس 13 ڪشميرين کي گرفتار ڪري ورتو

ڀارتي پوليس جي ضلعي اسلام آباد ۾ گهيراءُ ۽ تلاشي جي ڪارروائي

سرينگر (اي پي پي) غير قانوني طور ڀارت بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: گهرو وزير ضياءالحسن لنجار اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

سنڌ جي تاريخي ۽ علائقائي وحدت کي محفوظ رکڻ، بهتر حڪمراني، بااختيار مڪاني نظام ۽ آئيني سڌارن جو مطالبو

سنڌ هڪ تاريخي وطن آهي ۽ تاريخي وطن ڳڌجي وفاق پاڪستان قائم ڪيو پر وفاق طرفان صوبن جي وسيلن تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ماضي کان جاري آهن: زين شاهه
گذريل سئو سالن جي تاريخ ۾ سنڌ تي چار ڀيرا حملا ٿيا ۽ انهن حملن ۾ سنڌ جون ڪجهه شخصيتون به ملوث رهيون، سنڌ کي خطرو اڄ به موجود آهي: قيصر بنگالي
نون صوبن جو قيام مسئلن جو حل ناهي، ملڪ ۾ اعتماد جي شديد کوٽ آهي ۽ ان کي بحال ڪرڻ بدران وڌيڪ مسئلا پيدا ڪيا پيا وڃن: بيرسٽر صلاح الدين احمد
سنڌ جي عوام سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪري ڇڏيو آهي، سنڌ جي ورهاڱي جون سازشون نيون ناهن، عوام ماضي ۾ به انهن کي رد ڪندو رهيو آهي: عامر نواز وڙائچ
قومي اسيمبلي کي صوبن جي ورهاڱي جو اختيار حاصل ناهي، سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به قدم کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو: ارشد شرع ۽ ٻين جو ڪانفرنس کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي اهتمام هيٺ سنڌ جي درپيش آئيني، معاشي ۽ ٻين چئلينجن جي عنوان سان سٽي ڪورٽ ڪراچي ۾ سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ وڪيلن بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

وزيراعليٰ مريم نواز پاران ايم اين اي محمود بشير ورڪ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

لاهور (اي پي پي) پنجاب جي وزيراعليٰ بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

پاڪستاني عوام فلسطيني عوام سان گڏ بيٺل آهي: اينٿوني نويد

فلسطين ۾ انسانيت جو قتل عام جاري آهي، مظلوم فلسطيني عوام اڪيلو ناهي
فلسطيني آزادي جي شهيدن پنهنجي رت سان آزادي جي راهه هموار ڪئي: علامه راجا ناصر عباس
غزه ۾ صهيوني ظلمن جي انتها ٿي چڪي آهي: ڊاڪٽر معراج الهديٰ صديقي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) فلسطين فائونڊيشن پاڪستان جي اهتمام هيٺ فلسطين سان يڪجهتي جي ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي، بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه پاران ميجر عزيز ڀٽي کي خراج عقيدت پيش

ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي بهادري ۽ قرباني قومي تاريخ جو روشن باب آهي
دشمن جي شديد گولا باري باوجود ميجر عزيز ڀٽي شهيد پنهنجي مورچي تي رهيو
عزيز ڀٽي شهيد کان وٺي اڄ تائين معرڪن تائين پاڪ فوج جي بهادري هڪ روشن روايت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي يوم شهادت تي کيس خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ميجر عزيز ڀٽي شهيد جي بهادري ۽ قرباني قومي تاريخ جو بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: سنڌ يونائيٽيڊ لائرز فورم جي اهتمام هيٺ ڪانفرنس ۾ اڳواڻ اسٽيج تي موجود آهن

چيف سيڪريٽري پاران سمورن صوبائي کاتن کي ٽن مهينن اندر بقايا پينشن بل اڪلائڻ جي هدايت

پهرين جنوري کان رٽائر ٿيندڙ هر سرڪاري ملازم کي سنگل پينشن ۽ بنيادي مالي واجبات ملازمت جي آخري ڏينهن تي ادا ڪرڻ جو فيصلو
بين المحڪماتي ٽاسڪ فورس قائم ڪرڻ جي هدايت، جنهن ۾ اي جي سنڌ، ناڻي، صحت، جنرل ايڊمنسٽريشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا نمائندا شامل هوندا
ميڊيڪل ڪليمز ۾ دير جو بنيادي سبب پاليسي يا فنڊن جي کوٽ بدران انتظامي ۽ طريقيڪار وارين رڪاوٽون آهن، جن کي دور ڪرڻ ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه سرڪاري ملازمن کي ريٽائرمينٽ کانپوءِ پينشن ۽ ٻين مالي واجبات جي ادائگي ۾ دير جو سخت نوٽيس وٺندي سمورن صوبائي کاتن کي ٽن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد جا ماڻهو مون کان ناراض آهن ۽ منهنجي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن ناهن: مصطفيٰ ڪمال

هر ماڻهو کي جواب ڏيڻ منهنجي ذميواري ناهي، اسپتال ٺاهڻ ۽ پاڻي فراهم ڪرڻ منهنجو ڪم ناهي: وفاقي وزير
ڪراچي به ماضي ۾ هڪ ضلعو هوندو هو پر هاڻي ڪراچي واحد شهر آهي، جنهن کي 7 ضلعن ۾ ورهايو ويو آهي
جيڪڏهن اڪثريت اهو فيصلو ڪري ٿي ته ملڪ ۾ نوان انتظامي يونٽ نه ٺاهيا وڃن ته اهو فيصلو قبول ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي صحت واري وزير مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته اسلام آباد جا ماڻهو مون کان ناراض آهن ۽ منهنجي ڪارڪردگيءَ مان مطمئن ناهن پر سوال اهو آهي ته ڇا انهن وٽ مون کي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين تيز هوائن سان برسات جي اڳڪٿي

ٿرپارڪر، عمرڪوٽ، ميرپورخاص، بدين، ٺٽو، سجاول ۽ ٽنڊو محمد خان ۾ برسات ٿيندي
سانگهڙ، خيرپور، حيدرآباد، مٽياري، شهيد بينظيرآباد ۽ جامشورو ۾ به برسات جو امڪان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) موسميات کاتي سنڌ جي راڄڌاني ڪراچي مختلف علائقن ۾ 14 کان 16 سيپٽمبر تائين گجگوڙ تيز بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پروفيسر عارف ساقي سان پيش آيل واقعي تي سنڌ حڪومت سائنس گڏ بيٺل آهي: سعيد غني

واقعي ۾ ملوث سمورن سائي جوابدارن کي پڻ پوليس تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي
پروفيسر ڊاڪٽر محمد عارف ساقي صوبائي وزير سعيد غني جو شڪريو ادا ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محنت افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سعيد غني چيو آهي ته اسان جي معاشري ۾ استاد جي بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

متحده پنهنجي بدترين ناڪامي کانپوءِ سنڌ ڪارڊ کيڏي رهي آهي: قادر پٽيل

ان جلهن به عوامي حمايت وڃائي آهي، تڏهن سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جو شوشو ڇڏيو آهي
مصطفيٰ ڪمال ماضي ۾ پاڻ خالد مقبول صديقي کي را جو ايجنٽ قرار ڏئي چڪو آهي
عوام کي ورهائڻ گهرجي ته بوري بند لاش ڪنهن جي سياست ۽ ثقافت جو حصو رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي اسيمبلي جي ميمبر قادر پٽيل ايم ڪيو ايم اڳواڻ خالد مقبول صديقي جي بيان تي ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پنهنجي بدترين ناڪامي کانپوءِ هڪ ڀيرو ٻيهر سنڌ ڪارڊ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

انتظامي يونٽ صوبي ٺهي سگهن ٿا پر سنڌ جي وحدت کي تقسيم ڪرڻ نه ڏينداسين: نثار کهڙو

اسانجي ملڪ کي تجربگاهه نه ٺاهيو سنڌ تقسيم ٿيڻ نه ڏينداسين بيا صوبا پنهنجي مرضي جا مالڪ آهن
سنڌ ورهائڻ جون ڳالهيون ڪندڙ دهشتگردن کي هي هٿين خالي ماڻهون شڪست ڏيندا: ڪي اين شاهه ۾ جلسي کي خطاب

خيرپور ناٿن شاهه (قربان بگهيو) پي پي پي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو حيدرآباد ڊويزن جي صدر عاجزهر ڌامراهه پي پي پي ضلع دادو جي صدر ايم پي اي پير مجيب الحق ۽ ٻين خطاب ڪندي ايم آر بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پيپلزپارٽي اڳ ۾ به ڏکيا ڏينهن گهڻا ڏٺا آهن ۽ اڳتي به منهن ڏينداسين: نثار کهڙو

جيڪڏهن قومي اسيمبلي ٺهراءُ پيش ڪري ۽ صوبو ان کي رد ڪري ته پاڪستان ۾ ڇا بچندو
پي ٽي آئي وارن کي احتجاج ڪرڻ جو حق آهي پر ان ۾ تشدد نه هجي: سيوهڻ ۾ ڳالهيون

سيوهڻ (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي صوبي سنڌ جي صدر ۽ سينيئر اڳواڻ نثار کهڙو سيوهڻ ۾ مشهور اولياءِ ۽ صوفي بزرگ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

هندو نوجوانن جمهوريت جي بحالي لاءِ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو ورتو: شام سندر

ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي پاران 1983ع جي ايم آر ڊي تحريڪ جي شهيدن کي ڀيٽا پيش
پ پ جي تاريخ آئين جي بالادستي لاءِ جدوجهد ۽ قربانين سان ڀري پئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سنڌ اسيمبلي ميمبر ۽ وڏي وزير سنڌ جي اقليتي معاملن بابت خاص معاون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي پاران صوبائي ايوڪيو بورڊ جي قيام تي سخت ڳڻتي جو اظهار

متروڪ وقف املاڪ بورڊ هڪ وفاقي ۽ خودمختيار ادارو آهي، جيڪو پارليامينٽ جي قانون ۽ بين الاقوامي معاهدن تحت ڪم ڪري ٿو: ڪرشن شرما
سڄي ملڪ ۾ هندو ۽ سک مذهبي عبادت گاهن، ياترين کي اين او سي جاري ڪرڻ ۽ ٻين انتظامن جي نگراني هي بورڊ ئي ڪري ٿو
هن معاملي سان لاڳاپيل هڪ ڪيس اڳ ۾ ئي سپريم ڪورٽ ۾ پڏٽي هيٺ آهي، سنڌ حڪومت يا ڪو ادارو اهڙو قدم نه کڻي جنهن سان پيچيدگيون پيدا ٿين
ڪراچي پريس ڪلب ٻاهران پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي جي ڪرشن شرما ۽ ٻين هندو تنظيمن جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان هندو مندر مينيجمينٽ ڪميٽي صوبائي ايوڪيو بورڊ جي قيام جي قدمن تي سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي وفاقي حڪومت ۽ اعليٰ اختيارين کان فوري مداخلت جو مطالبو ڪيو آهي. چنچر جي ڏينهن ڪراچي پريس بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: هندو مندر مينيجمينٽ جو چيئرمين ڪرشن شرما احتجاج وقت ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي واٽر ڪارپوريشن ۽ ايف ڊبليو او وچ ۾ ڊملوٽي پائيپ لائين جي تعمير جو معاهدو

منصوبي کي 12 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو، 14 ارب لاڳت ايندي
ڊفينس ۽ ڪلفٽن ۾ پاڻي جي کوٽ گهٽ ڪرڻ ۾ مدد ملندي: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بيرسٽر مرتضيٰ وهاب پاران شهر ۾ پاڻي جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر ۽ مستحڪم بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

عربي سمنڊ ۾ منشيات مافيا عام ماهيگيرن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو

گوادر ريڙي کان وٺي ڪيٽي بندر تائين بااثر منشيات فروش پنهنجو راڄ قائم ڪيو

ڳاڙهو (ن ع) عربي سمنڊ گوادر ريڙي کان وٺي ڪيٽي بندر تائين اسمگلنگ جو اهم ۽ پرسڪون مرڪز بڻجي ويو آهي جتان بااثر ماڻهون اربون رپيا جي اسمگلنگ باآساني ڪري رهيا آهن بئي طرف بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2



سيوهڻ: پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

مير رضا قتل ڪيس ۾ عدالت احمد ۽ عبدالله جون ضمانت وارين درخواستون اڪلائي ڇڏيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سٽي ڪورٽ ۾ ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن عدالت اوير بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ايف بي ايريا بلاڪ 15 ۾ گهر مان 70 سالن جي عورت عابده جو لاش مليو
ڪراچي پورٽ ۾ ڪم دوران وزني شيءِ ڪرڻ سبب 19 سالن جو ڪيان فوت ٿيو
صائما پاري سوسائٽي ويجهو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 50 سالن جو شخص فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. جوهر آباد ٿاڻي جي حد ايف بي ايريا بلاڪ 15 جي ويجهو گهر مان 70 سالن جي عورت عابده بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار رپيا ڏنڊ

راولپنڊي (اي پي پي) راولپنڊي جي مقامي عدالت منشيات سپلاءِ ڪندڙ جوابدار شاهد محمود کي 9 سال قيد ۽ 80 هزار رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي آهي، راولپنڊي پوليس جي ترجمان مطابق نيو ٽائون ٿاڻي جي پوليس بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

صالح محمد ڳوٺ کان غريب آباد ۽ گولا ٽائون تائين روڊ جي تعميراتي منصوبي جو افتتاح

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ يو سي نمبر 6 صالح محمد ڳوٺ کان غريب آباد ۽ گولا ٽائون تائين روڊ جي بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سردار عطا الله مينگل جي پنجين ورسي تي اڄ ڪراچي ۾ تقريب

پريس ڪلب ۾ ٿيندڙ تقريب ۾ سردار اختر مينگل خصوصي خطاب ڪندو
مولانا فضل الرحمان، اسد قيصر، محمود خان اچڪزئي، علامه راجا ناصر عباس خطاب ڪندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلوچستان جي اڳوڻي وزيراعليٰ ۽ قومپرست اڳواڻ سردار عطا الله مينگل جي پنجين ورسي جي بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ميهڙ شهر ۾ واٽر سپلاءِ مان ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ خلاف شهرين جي احتجاجي ريلي

شهري اتحاد جي سڏ تي مختلف سياسي، سماجي، واپاري ڌرين پاران ريلي ڪڍي احتجاج ڪيو
واٽر سپلاءِ مان ڪارو بدبودار ۽ ناقص پاڻي اچڻ سبب سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: مظاهرين
اختيارين نوٽيس وٺي پاڻي جي فوري جاچ ڪرائي صاف ۽ پيئڻ لائق پاڻي فراهم ڪيو وڃي

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) ميهڙ شهر ۾ واٽر سپلاءِ مان ڪارو ۽ بدبودار پاڻي فراهم ٿيڻ جو نظام بهتر نه ٿيڻ ۽ مختلف علائقن ۾ گندگي جا ڍير لڳڻ خلاف شهري اتحاد ميهڙ جي بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2



ڪراچي: ملائيشيا جو قونصل جنرل نمائش دوران اسٽال ڏسي رهيو آهي

ليوي ڀتا ٽيڪس ذريعي عوام کان ڦرلٽ ڪانپوءِ ڪچي ۽ پڪي جي ڌاڙيلن ۾ فرق ئي ختم ٿي ويو

ڪراچي/لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي سنڌ ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته پيٽروليم شين تي ليوي ڀتا ٽيڪس ذريعي عوام کان ڦرلٽ ڪانپوءِ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پرڏيهي شهرين سان فراڊ، ڪال سينٽر تان 7 ڄڻا گرفتار

ڪوثر ٽائون ملير ۾ قائم مبينا فراڊ ڪال سينٽر تي ڇاپو هنيو ويو
بلال رضا، عبدالله، شعيب رحيم، عمر سعيد، جنيد خان نجم ۽ حسن مختار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيشنل سائبر ڪرائم انويسٽيگيشن ايجنسي ڪراچي ۾ پرڏيهي شهرين سان مبينا فراڊ ڪندڙ هڪ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪاشف دادا گروهه جا ٻه ميمبر نعمان ۽ شامير گرفتار

جوابدارن جي قبضي مان لکين رپين جي ماليت جي منشيات هٿ ڪرڻ جي دعويٰ
جوابدار روزانو 4 کان 5 لک رپين جي منشيات وڪرو ڪندا هئا: پوليس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪيماڙي پوليس گينگ وار سان لاڳاپيل ڪاشف دادا گروهه خلاف ڪارروائي ڪندي گروهه جي ٻن بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

هالا هاءِ اسڪول جي استاد ڪريم ڏنو ڪاڪا کي رٽائرمينٽ تي الوداعي تقريب منعقد ڪئي وئي

هالا (ن ع) مخدوم غلام حيدر گورنمينٽ بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سرجاني ٽائون ۾ ڦُر دوران مزاحمت تي ڌاڙيلن جي فائرنگ سان هڪ ڄڻو قتل

روزي ڳوٺ نذدي پرسان مبينا ڦُر جي واردات دوران قاسم موٽرسائيڪل ڦُرڻ جي مزاحمت ڪئي
مختلف هنڌن تي پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ 4 مقابلا ٿيا، 7 جوابدار گرفتار ڪيا ويا
اسمگلنگ جا 8 جوابدار گرفتار، 2 ڪروڙ 23 لک رپين جي 272.15 ڪلوگرام منشيات هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شهر ۾ اسٽريٽ ڪرائم ۽ منشيات فروشي خلاف پوليس ۽ اينٽي نارڪوٽڪس فورس جون ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته ڌاڙيلن جي فائرنگ ۾ هڪ شهري فوت ٿي ويو سرجاني ٽائون ۾ بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

مورو ويجهو پوليس جو نوجوان کي ڪپڙن کان آجو ڪري تشدد، معززين جي مداخلت تي آزاد

ملڪ چوڏڳي چوڪي انچارج عبدالرئوف سانگهڙي پورهيت مجيب عالماڻي کي ڪنهي رقم طلب ڪئي
انڪار ڪرڻ تي اهلڪارن کي ڪپڙن کان اجو ڪري تشدد ڪيو، علائقي جي معززين جي مداخلت بعد نوجوان کي ڇڏيو ويو
رازو آهيان، پورهيو ڪري گهر جو گاڏو هلايان ٿو ناحق ڪندڙ خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي: مجيب

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو ويجهو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ملير ڪينٽ ويجهو ٽريفڪ حادثو هڪ ڄڻو فوت، ٻيو زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ملير بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2



ملتان: ٻه نوجوان ڪاڏي جي اسٽال تي پوريون ٺاهي رهيا آهن

ضلعي گهوٽڪي جي مجموعي امن امان جي صورتحال بابت اهم اجلاس

ماٿيلي ۾ آءِ جي سنڌ جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ اهم عملدار شريڪ ٿيا
ڦهميده پٽافي جي باحفاظت بازيابي لاءِ سمورا دستياب وسيلا ڪتب آندا وڃن: آءِ جي
آءِ جي سنڌ ايس ايس پي گهوٽڪي آفيس ۾ آءِ ٽي آفيس جو سنگ بنياد پڻ رکيو

ڪراچي/ميرپورماٿيلو (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ ايس ايس پي آفيس گهوٽڪي ميرپورماٿيلو ۾ سکر ڊويزن سميت ضلعي گهوٽڪي جي مجموعي امن امان جي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

پڳهارن مان غيرقانوني ڪٽوتين واري ڪيس ۾ اڳوڻي آءِ جي سنڌ غلام حيدر جمالي سميت جوابدار بري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اينٽي ڪرپشن عدالت سنڌ پوليس جي ملازمن جي بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

گلشن حديد ۾ پراسرار نموني زهر کائڻ جي واقعي ۾ نوجوان ناري فوت

ڪراچي (بيورو روڊٽ) ڪراچي جي علائقي بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2



مورو: زخمي ٿيل نوجوان اسپتال ۾ داخل آهن

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

SEZA
SPECIAL ECONOMIC ZONE AUTHORITY

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، سنڌ جي ادارتي ڍانچي ڪي بهتر بڻائڻ سميت ڪاروباري منصوبي جي تياري لاءِ صلاحڪار فرم جي خدمتن جو فراهمي

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ جي ادارتي ڍانچي ڪي بهتر بڻائڻ سميت ڪاروباري منصوبي جي تياري لاءِ هڪ تجربيڪار ۽ قابل صلاحڪار فرم جي خدمتن حاصل ڪرڻ جو ارادو رکي ٿي.

2. ٽينڊر جا دستاويز جن ۾ تفصيلي جاچ جا معيار، حوالا جا شرط (TORs)۽ خدمتن جا تفصيل شامل آهن. SPPRA جي ويب سائيٽ /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pk اِي پيڊس (اِي پروڪيورمينٽ) سسٽم ۽ اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) جي ويب سائيٽ www.sezasindh.gos.pk تان 17 سيپٽمبر 2026 (خميس) کان 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.

3. خريداري جو طريقو "سنگل اسٽيج _ ٽو انويلپ" وارو هوندو، جنهن ۾ ڪليل مقابلي واري عمل لاءِ معيار ۽ قيمت تي ٻڌل چونڊ (QCBS) جو طريقو اختيار ڪيو ويندو. بولين ۾ حصو وٺندڙن کي پنهنجون تجويزون SPPRA جي EPADS پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) ذريعي اپلوڊ ڪرڻيون پونديون.

4. فنانشل پروپوزل سان گڏ ڪل بڊ جي رقم جو 2% بڊ سيڪيورٽي (واپس ٿيڻ جوڳي) جمع ڪرائڻ لازمي آهي. اها سيڪيورٽي پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ پاران جاري ڪيل پي آرڊر، بئنڪ ڊرافٽ يا بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ هجڻ گهرجي. بڊ سيڪيورٽي، بڊ جي ڪارگر رهڻ جي مدي کان پوءِ گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن تائين ڪارآمد هجڻ گهرجي ۽ اها "اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي" جي نالي تي هجڻ گهرجي.

5. فنانشل پروپوزل کولڻ صرف اهي فرمون جيڪي ٽيڪنيڪل جائزي ۾ ڪامياب ٿينديون. انهن جا ئي فنانشل پروپوزل کوليا ويندا ۽ وڌيڪ جاچ لاءِ غور هيٺ آندا ويندا.

6. هارڊ ڪاپي ۾ تجويزون جمع ڪرائڻ: مڪمل تجويز (فني ۽ مالياتي) جي اصل هارڊ ڪاپي، جيڪا بلڪل EPADS پورٽل تي اپلوڊ ڪيل ورزن مطابق هجي. اها خاص اقتصادي زون اٿارٽي (SEZA) جي آفيس ۾ پڻ جمع ڪرائڻ لازمي آهي.

7. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تجويزون SPPRA جي EPADS سسٽم ذريعي ڊجيٽل طور (آن لائن) 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تي منجهند 2:30 وڳي يا ان کان اڳ تائين جمع ڪرائڻ گهرجن.

8. بڊز کولڻ: بڊز 6 آڪٽوبر 2026 (اڱارو) تي منجهند 3:30 وڳي کوليا ويندا. ڪميٽي جا سمورا مقرر ڪيل ميمبر SPPRA EPADS پورٽل ذريعي آن لائن اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.

9. بولي ڏيندڙن کي زور ڏنو وڃي ٿو ته اهي ذاتي طور تي شرڪت ڪن. جيڪڏهن ڪو بولي لڳائيندڙ کولڻ واري اجلاس دوران موجود نه هوندو ته ان کي غير حاضر قرار ڏنو ويندو ۽ ان جي بولي تي غور نه ڪيو ويندو.

10. غلط بياني: ڪا به فرم جيڪا غلط يا گمراهه ڪندڙ معلومات فراهم ڪندي، ان کي جائزي يا معاهدي جي عمل جي ڪنهن به مرحلي تي نااهل قرار ڏنو ويندو.

11. خريداري ڪندڙ ادارو (.P.A)، اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، SPPRA رولز 2010 (جيڪي هاڻي تائين ترميم ٿيل آهن) جي قاعدي (1) 25 مطابق، معاهدو ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت ڪنهن به يا سمورين بولين (کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

12. اضافي شرط


(a) هيٺين حالتن ۾ بولين خودڪار طريقي سان رد ڪيون وينديون:
- شرطي يا ٽيليگرافڪ ذريعي جمع ڪرائڻ
- بڊ سيڪيورٽي جو نه هجڻ يا غلط جمع ڪرائڻ
- اصل بولي سيڪيورٽي جو SEZA، سنڌ جي آفيس ۾ جمع نه ڪرائڻ
- مقرر آخري تاريخ کان پوءِ وصول ٿيل
- بليڪ لسٽ ٿيل فرمن پاران شرڪت

(b) سمورن بولي ڏيندڙن لاءِ لازمي آهي ته اهي هڪ حلف نامو فراهم ڪن جنهن ۾ تصديق ٿيل هجي ته انهن جي فرم /اداري کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري يا خانگي اداري طرفان بليڪ لسٽ نه ڪيو ويو آهي.

اسسٽنٽ مينيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين منزل، بلاڪ A، FTC بلڊنگ،
شاهراهه فيصل، ڪراچي
www.sezasindh.gos.pk
فون: 021-99207557
اِي ميل: procurement@sezasindh.gos.pk

INF-KRY 4045/2026
iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

سنڈي ايڈيشن
انچارج: مجيب ناريجو
IBRAT SANSAR
عبرت سنسار
68 Golden Jubilee Year
Ibratsansar@yahoo.com
آچر 13 سيپٽمبر 2026ع



هرمز کان مندب تائين سعوديءَ جي رستا روڪ ۽ اتحادين جا نوان امتحان

مجيب ناريجو

وچ اوڀر جي جنگ هاڻي رڳو ميزائلن، جهازن ۽ زميني محاذن جي جنگ نه رهي آهي هرمز لنگهه کان باب المندب تائين پکڙيل صورتحال عالمي توانائي، سامونڊي واپار ۽ علاقائي طاقت جي توازن کي اهڙي جاءِ تي آڻي بيٺاريو آهي، جتان هڪ محاذ تي ٽينڈرڊ هر سرگرمي ۽ جوابُ ٻئي محاذ تي ٽينڈرڊ هر آهي. هرمز ۽ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ سڌين فوجي ڪارروايون ۽ ڪهڪ ڏينهن ۾ تيزي اچڻ ڪان پوءِ هن وقت عارضي ناپر ضرور نظر اچي ٿي، پر ان کي اسين سمجهڻ نادانيُ هوندي. ڇاڪاڻ ته هرمز تي ٿيل علاقتي جمع مستقبل جو فيصلو ٽيڪاءُ آهي. هي ناپر واري صورتحال کي ڪهڙا اثر وجهندي، ان کي سمجهڻ لاءِ پهرين ته ايران ۽ آمريڪا جي وچ ۾ جنڊ صدر ٽرمپ ۽ ايران هڪ ٻئي خلاف سڌي ڪارروائي ڪان ڪجهه وقت لاءِ ترسي. ساهوڻن واري جي اينڊرڊ جال ڏسي رهيا هجن. پر هرمز جي پاڻي ۽ تي ڇڪتائ پهنچي چاءِ تي موجود آهي تيل جا جهاز خطري هيٺ آهن. آمدرفت محدود آهي ۽ جنگ جو خوف عالمي مارڪيٽ ۾ تيل ۽ سامونڊي پاڻن کي متي ڏڪي رهيو آهي. يعني هرمز تي بندوقن جي ٻاهه ڪجهه مالڪي ٿي سگهي ٿي. پر بحران ختم ناهي ٿيو.

ان ٻي وقت جنگ جو پويو پاسو يمن ۽ باب المندب ڏانهن تيزيءَ سان ڪلي ڇڪجو آهي. حوثين جي اڳپرائي هاڻي رڳو يمن جي گهرو جنگ جو معاملو ناهي رهي. موخا تي قبضو ڏوباب تائين پهچ ۽ باب المندب جي وچ ۾ موجود ميئون پيٽ تي قبضي جون رپورٽون پڌائين ٿيون ته حوثي هاڻي اهڙي هنڌ ٻيهنا آهن. جتان ڪاڏي سمنڊ جي اڇ وڃ واري رستي تي اثر انداز ٿيڻ جي صلاحيت سندن هٿ اچي آهي. ڏوباب باب المندب جي بلڪل ويجهو آهي ۽ مٿيون پيٽ بيٺ باب المندب جي وچ ۾ اهر جاگرافيائي حيثيت رکي ٿئي.

اهو حوثين لاءِ رڳو هڪ ٻي زميني فتح ناهي. اصل اهميت ان ڳالهه جي آهي ته حوثي دنيا جي اهم سامونڊي گذرگاهن مان هڪ جي دروازي تي پهچي ويا آهن. باب المندب ڪاڏهي سمنڊ کي عدن جي نار ۽ اڇتي هندي سمنڊ سان ڳنڍيڻ ٿو هن رستي ۽ رنڊڪ پيدا ٿئي ٿي. ته يورپ ۽ ايشيا وچ ۾ سامونڊي واپار جو وڏو حصو ڏڪي وڃ ٿئي ته سامونڊي ٽئڪن جي ڳڻتي وڌي وڃي ٿي. ۽ ان جي عارضي طور بند ٿيڻ جو اثر يمن جي اندر ئي نه رهي پوري دنيا تي پوندو.

سعودي توانائيءَ واري وزارت موجب حوثين حملي کان پوءِ پائپ لائين کي احتياط طور بند ڪيو ويو. جڏهن ته سعودي عرب ۽ عراق ٻنهي طرفان آيل معلومات موجب حملو عراقي سرزمين تان ٿيو. حملي واري هنڌ جي چوڌاري سڪيل زمين ۽ ڪاري ڌوئڻين جون تصويرون ۽ سامهون آيون آهن. جڏهن ته نقصان جو اندازو لڳائڻ پيو وڃي. هي 1,200 ڪلوميٽر ڊگهي پائپ لائين تازن مهينن ۾ روزاڻو 4 کان 5 ملين ٻيرل تيل ڪڍي رهي هئي. جيڪو عالمي تيل جي فراهميءَ جو لڳ ڀڳ 4 کان 5 سيڪڙو آهي.

هتي سعودي عرب جي اصل آزمائش شروع ٿئي ٿي. هرمز ۽ سامونڊي رانوڪي خطري هيٺ. هرمز کان ٻچڻ واري پائپ لائين تي حملو ۽ ان جي بندش. ۽ پڻي پاسي باب المندب تي حوثين جي وڌندڙ گرفت. مڙئن وري اهو اعلان ته باب المندب مان سعودي جهازن کي گذرڻ نه ڏيڻ جي ڌمڪي ته سڄي دنيا ڏسي رهي آهي. ته هي جنگ صرف علائقي تائين محدود نه رهندي ان جو بار آمريڪي ووٽر جي ڪيسي تي پوندو.

ان ڪري ٽرمپ لاءِ سعوديءَ جي هر درخواست جو جواب ميزائل سان ڏيڻ ايترو ڪنهن هڪ محاذ جو ناهي. هو هڪ طرف ايران کي پوئتي ڌڪڻ چاهي ٿو پڻي طرف هرمز کي ڪليل رکڻ ضروري سمجهي ٿو. ٽئين طرف يمن ۾ ٿيندڙ متبادل سمجهوتي ويندو هو انهن ٽنهي محاذن تي هڪ ئي وقت ڏهاڙي پاڻ آمريڪي اندروني بحث ۾. سوال اٿي رهيا آهن ته اها ڪٿي وڃي ختم ٿيندي ضروري آهي.

هاڻي سوال اهو ناهي ته هرمز اڃا وانگر بحال ٿيندو يا باب المندب بند ٿيندو. اصل سوال اهو آهي ته هڪ ئي وقت ٻنهي سامونڊي دروازن تي پيدا ٿيندڙ خطري کي ڪير ڪيتري دير تائين برداشت ڪري سگهي ٿو. هرمز ۽ آمريڪا ۽ ايران جي سڌي فوجي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر جيڪڏهن باب المندب کي حوثين بند ڪري ڇڏيو ته جنگ جو ڏهاڙ هڪ محاذ تان ٻئي محاذ ڏانهن منتقل ٿي ويندو.

ان سڄي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو ڏڪ سعودي عرب کي برداشت ڪرڻو پنجي رهيو آهي. هرمز کان پوءِ ٻاهرين پائپ لائين تي حملو ٿي چڪو آهي. يمن کان پهچندڙ هن متبادل رستي کي باب المندب جي صورتحال خطري ۾ وجهي چڪي آهي ۽ آمريڪا ۽ هن وقت رياض جي خواهش موجب سڌي جنگ ۾ لهڻ لاءِ تيار ناهي.

انهيءَ ڪري موجوده صورتحال کي رڳو حوثين جي يمن اندر اڳپرائي يا سعودي عرب تي ٽينڈرڊ ڪجهه حملن تائين محدود ڪري ڏسڻ غلط ٿيندو. هي توانائيءَ جي رستن، سامونڊي واپار ۽ طاقت جي توازن جي جنگ آهي. هرمز ۽ ناپر آڻي آهي. پر ڇڪتاڻ تنهن ٿئي. باب المندب ۽ سياسي مسئلو ۽ بٽجي ويون آهن. جنگ اڃڙي طرح ايران جو پويو پاسو ۽ نظرانداز ٿيندو ڪري سگهجي. تهران سعودي عرب سان رابطو ۽ ڪري رهيو آهي ۽ ڪالهين جي واٽ ڪولڻ تي زور ڏئي رهيو آهي. ان ڪري هن تصوير جو پويو پاسو هو. ته سگهي ٿو ته ايران هڪ طرف سعودي عرب تي دٻاءُ وڌندڙ حوثين جو جهڙوڪر سرپرست آهي. ته پئي طرف ساڻيئي بحران کي ڪالهين وسيلي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ۽ برقرار رکڻ چاهي ٿو.

هاڻي سوال اهو ناهي ته هرمز اڃا وانگر بحال ٿيندو يا باب المندب بند ٿيندو. اصل سوال اهو آهي ته هڪ ئي وقت ٻنهي سامونڊي دروازن تي پيدا ٿيندڙ خطري کي ڪير ڪيتري دير تائين برداشت ڪري سگهي ٿو. هرمز ۽ آمريڪا ۽ ايران جي سڌي فوجي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر جيڪڏهن باب المندب کي حوثين بند ڪري ڇڏيو ته جنگ جو ڏهاڙ هڪ محاذ تان ٻئي محاذ ڏانهن منتقل ٿي ويندو.

ان سڄي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو ڏڪ سعودي عرب کي برداشت ڪرڻو پنجي رهيو آهي. هرمز کان پوءِ ٻاهرين پائپ لائين تي حملو ٿي چڪو آهي. يمن کان پهچندڙ هن متبادل رستي کي باب المندب جي صورتحال خطري ۾ وجهي چڪي آهي ۽ آمريڪا ۽ هن وقت رياض جي خواهش موجب سڌي جنگ ۾ لهڻ لاءِ تيار ناهي.

انهيءَ ڪري موجوده صورتحال کي رڳو حوثين جي يمن اندر اڳپرائي يا سعودي عرب تي ٽينڈرڊ ڪجهه حملن تائين محدود ڪري ڏسڻ غلط ٿيندو. هي توانائيءَ جي رستن، سامونڊي واپار ۽ طاقت جي توازن جي جنگ آهي. هرمز ۽ ناپر آڻي آهي. پر ڇڪتاڻ تنهن ٿئي. باب المندب ۽ سياسي مسئلو ۽ بٽجي ويون آهن. جنگ اڃڙي طرح ايران جو پويو پاسو ۽ نظرانداز ٿيندو ڪري سگهجي. تهران سعودي عرب سان رابطو ۽ ڪري رهيو آهي ۽ ڪالهين جي واٽ ڪولڻ تي زور ڏئي رهيو آهي. ان ڪري هن تصوير جو پويو پاسو هو. ته سگهي ٿو ته ايران هڪ طرف سعودي عرب تي دٻاءُ وڌندڙ حوثين جو جهڙوڪر سرپرست آهي. ته پئي طرف ساڻيئي بحران کي ڪالهين وسيلي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ۽ برقرار رکڻ چاهي ٿو.

هاڻي سوال اهو ناهي ته هرمز اڃا وانگر بحال ٿيندو يا باب المندب بند ٿيندو. اصل سوال اهو آهي ته هڪ ئي وقت ٻنهي سامونڊي دروازن تي پيدا ٿيندڙ خطري کي ڪير ڪيتري دير تائين برداشت ڪري سگهي ٿو. هرمز ۽ آمريڪا ۽ ايران جي سڌي فوجي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر جيڪڏهن باب المندب کي حوثين بند ڪري ڇڏيو ته جنگ جو ڏهاڙ هڪ محاذ تان ٻئي محاذ ڏانهن منتقل ٿي ويندو.

ان سڄي تبديليءَ جو سڀ کان وڏو ڏڪ سعودي عرب کي برداشت ڪرڻو پنجي رهيو آهي. هرمز کان پوءِ ٻاهرين پائپ لائين تي حملو ٿي چڪو آهي. يمن کان پهچندڙ هن متبادل رستي کي باب المندب جي صورتحال خطري ۾ وجهي چڪي آهي ۽ آمريڪا ۽ هن وقت رياض جي خواهش موجب سڌي جنگ ۾ لهڻ لاءِ تيار ناهي.

انهيءَ ڪري موجوده صورتحال کي رڳو حوثين جي يمن اندر اڳپرائي يا سعودي عرب تي ٽينڈرڊ ڪجهه حملن تائين محدود ڪري ڏسڻ غلط ٿيندو. هي توانائيءَ جي رستن، سامونڊي واپار ۽ طاقت جي توازن جي جنگ آهي. هرمز ۽ ناپر آڻي آهي. پر ڇڪتاڻ تنهن ٿئي. باب المندب ۽ سياسي مسئلو ۽ بٽجي ويون آهن. جنگ اڃڙي طرح ايران جو پويو پاسو ۽ نظرانداز ٿيندو ڪري سگهجي. تهران سعودي عرب سان رابطو ۽ ڪري رهيو آهي ۽ ڪالهين جي واٽ ڪولڻ تي زور ڏئي رهيو آهي. ان ڪري هن تصوير جو پويو پاسو هو. ته سگهي ٿو ته ايران هڪ طرف سعودي عرب تي دٻاءُ وڌندڙ حوثين جو جهڙوڪر سرپرست آهي. ته پئي طرف ساڻيئي بحران کي ڪالهين وسيلي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ۽ برقرار رکڻ چاهي ٿو.





ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو پاران شهدلاکوٽ شهر جو دورو

صوابديد فنڈ مان هلندڙ عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو

ترقياتي منصوبا وقت تي مڪمل ڪيا وڃن، جيڪي عوام کي لاڀ ملي:خورشيد جوٽيجو



سکر پوليس گنڈڪا ۽ سوپاريا سان پريل ۾ گاڏين ڪروڙ ۽ اٺ تحويل ۾رونٽيون

سکر پوليس جو سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري

پوليس گنڈڪا ۽ سوپاريا سان پريل ۾ گاڏيون ڪروڙ ۽ اٺ تحويل ۾روٽيون

ٽنڊوالهيار ضلعي ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ پي ٽي آءِ ميدان ۾ اچي ٿئي

صحت،روڊن،پيئڻ جي پاڻي،صفائي سميت مختلف مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار

صحت کاتي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ج ۾ هلندڙ ڪرار هڪ ڌرامو بٽجي ڇڪر آهي:اسلم لغاري

علاقن ۾ پيئڻ جو صاف پاڻي به ناهي راڊنين جا گرائونڊ ويران بٽجي ويا آهن:نهال لاشاري



ٽنڊوالهيار: صحت،روڊن،پيئڻ جي پاڻي،صفائي سميت مختلف مسئلن تي ڳڻتي جو اظهار

سکر پوليس ڪنڊا ۽ سوپاريا سان پريل ۾ گاڏين ڪروڙ ۽ اٺ تحويل ۾روٽيون

جوابدار منشيات جيڪب آباد کان خيرپور لاءِ ڪٽي وڃي رهيا هئا:پوليس



سکر (ٻيورو رپورٽ)ايس ايس پي سکر احمد چوڌري PSP، QPM جي هدايتن جي سکر پوليس جو سماجي برائين ۾ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. ڪاڏيڪلهه ڏينهن آباد ڪاچي ۾ پوليس ڪاميابي حاصل ڪئي. ايس ايس پي پوليس ڪمپليڪس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو ته سپاهين سان پريل ۾ گاڏيون ڪروڙ ۽ اٺ تحويل ۾روٽيون ڏاڪاءُ ڪيون ته سعوديءَ 1924 پيڪٽ هٿ ڪيا ويا. جڏهن ته پوليس جو جوابدارن جميل ڪنڀي ۽ نادر علي بروهي کي گرفتار ڪري رونو.درحسان ايس ايس پي سکر موجب جوابدار منشيات جي اها کيپ جيڪب آباد کان خيرپور ميرٿ طرف لاءِ ڪٽي وڃي رهيا هئا، جنهن کي سکر پوليس برروقت ڪاروائي ڪري ناڪامي بڻائي ٻرڌڻ گرفتار جوابدارن خلاف ڪيسن ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري رڊيڪ جاءِ جاري آهي. ايس ايس پي سکر احمد چوڌري پوليس ماڻهن جي بهترين ڪارڪردگي لاءِ شاباش ڏيندي سي سي ايڇ ڊي پي جو اعلان ڪيو آهي.

ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو پاران شهدلاکوٽ شهر جو دورو

صوابديد فنڈ مان هلندڙ عوامي فلاحي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو

ترقياتي منصوبا وقت تي مڪمل ڪيا وڃن، جيڪي عوام کي لاڀ ملي:خورشيد جوٽيجو

شهدلاکوٽ (ر) پ ب جي آڱواڻ ۽ شهدلاکوٽ سان جڙيل ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو ڪڏيل ڏينهن شهدلاکوٽ جي دورو ڪيو. دوري دوران ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو پهنجي ڀاڻ ڊپٽي ڪمشنر شهدلاکوٽ ۽ قسم سعيد خان ۽ سڌين فوجي آفيسرن ۽ ڪجهه ڏينهن جي تيزي اچڻ ڪان پوءِ هن وقت عارضي ناپر ضرور نظر اچي ٿي، پر ان کي اسين سمجهڻ نادانيُ هوندي. ڇاڪاڻ ته هرمز تي ٿيل علاقتي جمع مستقبل جو فيصلو ٽيڪاءُ آهي. هي ناپر واري صورتحال کي ڪهڙا اثر وجهندي، ان کي سمجهڻ لاءِ پهرين ته ايران ۽ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنڊ صدر ٽرمپ ۽ ايران هڪ ٻئي خلاف سڌي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر ان کي اسين سمجهڻ نادانيُ هوندي. ڇاڪاڻ ته هرمز تي ٿيل علاقتي جمع مستقبل جو فيصلو ٽيڪاءُ آهي. هي ناپر واري صورتحال کي ڪهڙا اثر وجهندي، ان کي سمجهڻ لاءِ پهرين ته ايران ۽ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنڊ صدر ٽرمپ ۽ ايران هڪ ٻئي خلاف سڌي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر ان کي اسين سمجهڻ نادانيُ هوندي. ڇاڪاڻ ته هرمز تي ٿيل علاقتي جمع مستقبل جو فيصلو ٽيڪاءُ آهي. هي ناپر واري صورتحال کي ڪهڙا اثر وجهندي، ان کي سمجهڻ لاءِ پهرين ته ايران ۽ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنڊ صدر ٽرمپ ۽ ايران هڪ ٻئي خلاف سڌي ڪارروائين ۾ ناپر شايد ڪجهه وقت لاءِ ڏهاڙ گهٽائي. پر ان کي اسين سمجهڻ نادانيُ هوندي. ڇاڪاڻ ته هرمز تي ٿيل علاقتي جمع مستقبل جو فيصلو ٽيڪاءُ آهي.

ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو پ ب جي ڏهواريءَ آڱواڻ ڀرڻي متصوبي ڪچي ڪوٽ ڪلي ڇڪجو ٽي ڪر هلندڙ آفيسرن سان گڏڪالي ڪلي ترقياتي منصوبن جي تعميرمعملاتي گاڏهه برلهه ڪلي ۽ ترقياتي منصوبن جي تعميرمعملاتي جي رفتار تيز ڪرڻ ۽ اضافي ڪيو ويو آن موڪلي ڏيڻ جي گاڏهاڀاڻي ايئر اين اي خورشيد احمد جوٽيجو چيو ته عوام جي سهولت ۽ سڀڪائن جي گهڻائيءَ لاءِ پنهنجي صوابديدي فنڊز مان ترقياتي منصوبا شروع ڪرايا آهن جيڪي ٿيڻ ۾ مڪمل ٿيڻ گهرجن جيئن عوام ان مان لاڀ حاصل ڪن هوڏانهن دوري دوران ايئر اين اي مختلف پارٽي ڪارڪنن ۽ مختلف برادرين جي ماڻهن سان ملڻ ڀاڻ خواهين ڪيون

سيڪيٽر ۽ پرچلي جوري، ٽائين لائسنس ۽ رڪوري ۾ ناڪامي تي ڪارروائي ڪندي 8 ايس ڊي اوز خلاف سخت قدم کنيا آهن: سي اي او

ٽارگيٽ ۾ مسلسل ناڪامي تي 4 ايس ڊي اوز کي معطل ڪيو ويو،اعجاز چنڍ

سکر(ٻيورو رپورٽ) سکر الیکٹرک پاور ڪمپني "سيپڪو" جي سي اي او اعجاز چنڍ سخت رويي، ٽائين لائسنس ۽ رڪوري ۾ ناڪامي تي ڪيل پيماني تي ڪارروائي ڪندي 8 ايس ڊي اوز خلاف سخت قدم کنيا آهن سيپڪو انتظاميا وائيس ڪيو آهي ته هاڻي "ڪير نه ڏسي ڏر" واري پاليسي تي سختي سان عمل ڪيو ويندو. سي اي او جي حڪم تي ڪارڪردگي ۾ خرابي ۽ رڪوري ٽارگيٽ ۾ مسلسل ناڪامي تي 4 ايس ڊي اوز کي فوري طور تي معطل ڪيو ويو آهي انهن ۾ صالح پٽ سب ڊويزن جا ايس ڊي او ۽ غلام اڪبر ڏاڏيءَ، پنهنجاڻي سب ڊويزن جا ايس ڊي او ڪنور محمد راڻڻ، لکي غلام شاهه سب ڊويزن جا ايس ڊي او بشير احمد ٻاجڪاڻي ۽ لاڙڪاڻي جناح ٻاڻ سب ڊويزن جا ايس ڊي او مقصود احمد شيخ شامل آهن ان کان علاوه 3 ايس ڊي اوز جي سلباڻي انجنيئرنگ سرڪل ۾ رڪوري ڏني آهي جن ۾ ڪوهي ياسين جا ايس ڊي او ذوالفقار نوناري جي 1 سال ٽارگيٽ سب ڊويزن ٻاجا ايس ڊي او سهيل ملاح جي 1 سال ۽ سيهڙ جا ايس ڊي او اصغر علي سانگي جي 2 سالياڻي انجنيئرنگ شامل آهن جڏهن د لاڀاڪاڻي شيخ زيد سب ڊويزن جي ايس ڊي او احمد علي شيخ کي رڪوري ڪار خراب ڪارڪردگي ۽ عوامي شڪايتن جي جيري طور رٽائر ڪيو ويو آهي سڪر سب ڊويزن ۽ ايڪسئرڪٽو جي ايس ڊي او عزيز خان جو ڏياڙو ڪري ڪيس سڪر سب ڊويزن ۾ آپريشنل ايس ڊي او سقير ڪيو ويو آهي ڇ جيئن شهر ۾ رڪوري ۽ فيڊر آپريشن بهتر بڻائي سگهجي سي اي او سيپڪو اعجاز چنڍ چيو ته "سيپڪو ڪنهن جي ذاتي ملڪيت نه آهي جيڪو آفيسر محنت ڪندو ان کي ساراهيو ويندو ۽ جيڪو غفلت ڪندو ان خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي" هن سمورن ايس ڊي اوز کي خبردار ڪيو ته اينڊرڊ 30 ڏينهن ۾ رڪوري 90 سيڪڙو تائين پهچائي وڃي ۽ ٽائين لاسز ۾ ڪمي آڻي وڃي سيپڪو انتظاميا جي هدايت ڪئي ته مناسب هنڌن تي هيلپ ڊيسڪ ۽ ڪيئر آفيسرز لڳائي ڪا به جاءِ تي آهي آڌاري ڪي نقصان پهچائيندڙ وارن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي اختيار ڪئي وڃي آهي" هن وڌيڪ چيو سي اي او ڇ پنهنجي ڪار ريلف ڊيوٽي ۽ آڌاري ڪي نقصان سان ڪيئر ڪئي آهي قدم تاڪيد ڪيو


ڊائريڪٽر هيلٿ سکر پاران غلام محمد مهر ڪاليج ۾ اسپتالي جو دورو

ايڪسي ريسيز ريفرل سينٽر،ريسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جو جائزو ورتو ويو

اسپتالي انتظاميہ مناسب هلندڙ ٿي هيندي ڀاڻ اسسٹينٽ نصب ڪري:ڊاڪٽر فرح امتياز

سکر(ٻيورو رپورٽ)ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊويزن ڊاڪٽر فرح امتياز پنهور غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ۽ سول اسپتال سکر جو ڪجهيلي دوري ڪيو سندس سان گڏ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر صرفات گول ڊيڙنڊ اسسٹنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر سوڻا آفريڊ ۽ ڊيڙنڊ اسسٹنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نويد پنهل موجود هئا دوري دوران انفيڪشس پريوينشن آينڊ ڪنٽرول (IPC) اينڊ ايمرجنسي ريفرل سينٽر جو وزٽ ڪيو مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي انتظامن جو ڪجهيلي جائزو ورتو ويو ميڊيڪل سپرنٽنڈنٽ سول اسپتال ڊاڪٽر احمد مجتبيٰ ميمڻ اي ايم ايس ڊاڪٽر زاهد ماڪو، اي ايم ايس فرحل پرسن ڊاڪٽر علي حيدر ۽ اي ايم ايس ڊاڪٽر عامر سرفيني وڏ ڪي آ ايم ايس ڊسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي حوالي سان ڪنيل قدمن بابت ڪجهيلي بريفنگ ڏني ڊائريڪٽر هيلٿ ۽ سندس ٽيم آر پي ڊي بلاڪ ڪاڦيءِ واردن آر سي پي ريڊيالاجي ليبارٽري ۽ آپريشن ٿيٽر (OT) سميت مختلف شعبن جو جامع آ پي سي آڏ ڪيو ۽ انفيڪشس ڪنٽرول جي عملي ضرورتن جي نشاندهي ڪئي ڊائريڪٽر هيلٿ سکر ڊاڪٽر فرح امتياز پنهور ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ياسر صرفات ڊويزنل اسسٹنٽ ڊائريڪٽر ڊاڪٽر نويد پنهل موجود هئا دوري دوران انفيڪشس پريوينشن آينڊ ڪنٽرول (IPC) اينڊ ايمرجنسي ريفرل سينٽر جو وزٽ ڪيو مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي انتظامن جو ڪجهيلي جائزو ورتو ويو ميڊيڪل سپرنٽنڈنٽ سول اسپتال ڊاڪٽر احمد مجتبيٰ ميمڻ اي ايم ايس ڊاڪٽر زاهد ماڪو، اي ايم ايس فرحل پرسن ڊاڪٽر علي حيدر ۽ اي ايم ايس ڊاڪٽر عامر سرفيني وڏ ڪي آ ايم ايس ڊسٽ مينيجمينٽ ۽ فائر سيفٽي جي حوالي سان ڪنيل قدمن بابت ڪجهيلي بريفنگ ڏني ڊائريڪٽر هيلٿ ۽ سندس ٽيم آر پي ڊي بلاڪ ڪاڦيءِ واردن آر سي پي ريڊيالاجي ليبارٽري ۽ آپريشن ٿيٽر (OT) سميت مختلف شعبن جو جامع آ پي سي آڏ ڪيو ۽ انفيڪشس ڪنٽرول جي عملي ضرورتن جي نشاندهي ڪئي

THE UNIVERSITY OF MIRPURKHAS



ADMISSIONS OPEN 2027 APPLY ONLINE

Chartered by Government of Sindh and Recognized by Higher Education Commission (HEC) Pakistan

ADMISSIONS FOR ACADEMIC YEAR - 2027

- Submission of online admission forms through official website: https://umpk.edu.pk
- Prospective candidates desiring admission to Bachelor — BS/BBA (4 years), BS 3rd Year — 5th Semester (2 years), B.Ed. (1.5 and 2.5 years), PGDECE (1 Year) are required to register at the university of mirpurkhas admission portal: https://admissions.umpk.edu.pk/
- Candidates once selected after issuance of the first merit list are required to submit a printed copy of the online-submitted form along with the original educational pass & marksheet of last degree qualified and attested copies of other documents to the office of the director admissions.
- For details of the documents required, visit official website: https://umpk.edu.pk

Details Regarding Admission Policy/Eligibility Criteria/Fees/ Requirements are available at The University Of Mirpurkhas official website: www.umpk.edu.pk

UNDERGRADUATE PROGRAMS OFFERED

Department of English Language and Literature
Morning Programs
- BS English Linguistics - (4 years)
- BS English Language and Literature - (4 years)
- BS English Language and Literature - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- BS English Linguistics - (4 years)
- BS English Language and Literature - (4 years)
- BS English Language and Literature - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)

Department of Education
- B.Ed in Education (4 years)
- B.Ed in Education (1.5 years)
- B.Ed in Education (2.5 years)
- PGD-ECE - Postgraduate Diploma in Early Childhood Education (1 year)

Department of Computer Science
Morning Programs
- BS Computer Science - (4 years)
- BS (Computer Science) - Artificial Intelligence
- BS (Computer Science) - Data Science
- BS Computer Science - 3rd Year Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- BS Computer Science - (4 years)
- BS (Computer Science) - Artificial Intelligence
- BS (Computer Science) - Data Science

Department of Commerce
Morning Programs
- BS Commerce - (4 years)
- BS Accounting & Finance - (4 years)
- BS Banking and Finance - (4 years)
- BS Commerce - 3rd Year/Bridging Program - (2 years)

Department of Business Administration
Morning Programs
- Bachelor of Business Administration - BBA (4 years)
- Bachelor of Business Administration - BBA 3rd Year Bridging Program - (2 years)
Evening Programs (Self-Finance)
- Bachelor of Business Administration - BBA (4 years)
- Bachelor of Business Administration - BBA 3rd Year Bridging Program - (2 years)

Department of Information Technology
Morning Programs
- BS Information Technology - (4 years)
- BS Data Science - (4 years)
- BS Information Technology - 3rd year Program (2 years)
Evening Program (Self-Finance)
- BS Information Technology - (4 years)

NOTE:
- Candidates who are waiting for results of HSC-II / A level are eligible to register and appear in the Pre-entry Test for admissions to BS / BBA 4 Year Degree Programs.
- Candidates who have passed BA / AD / equivalent to 14-Year Degree can apply for BS 3rd Year–5th Semester Programs.
- For further eligibility criteria of various Degree Programs, visit the official website of the University of Mirpurkhas.
- The candidate shall be given the choice to opt any other Degree Program according to eligibility and availability of seats.

General Instructions:

Register at The University of Mirpurkhas Admissions Portal: https://admissions.umpk.edu.pk/ using CNIC / B-Form Number, download and pay a challan of Rs. 3000/- as an application processing fee.

UBL Bank Account No: PK95 UNIL 0109 0003 2050 4442
Branch: 0128-M.A. JINNAH ROAD MIRPURKHAS

Scan to Apply

DIRECTOR ADMISSIONS
Email : admissions@umpk.edu.pk
Contact No: 0233-874575
Whatsapp: +92 337 8675675

Registration Starts 14th September 2026
Last Date for Online Registration 16th October 2026
Pre - Entry Test Date 1st November 2026 (Sunday)

*The University of Mirpurkhas reserves the right to postpone or revise Pre-Entry Test schedule at any stage

https://umpk.edu.pk /umpkofficial

PID(H) 74/2026

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

آچر 13 سيپٽمبر 2026ع

ترقياتي منصوبن ۾ رفتار سان گڏ شفافيت به ضروري آهي!

ملڪي معاشي ۽ انتظامي صورتحال ۾ ترقياتي منصوبن جي منظوري هڪ اهم قدم ضرور آهي پر ڪنهن به حڪومت جي ڪارڪردگيءَ جو حقيقي اندازو منصوبن جي تعداد، اعلان ڪيل رقم يا ڪاغذن تي تيار ڪيل منصوبابنديءَ مان نه پر انهن منصوبن جي عملي نتيجن مان لڳايو ويندو آهي. گذريل ڏينهن وفاقي حڪومت جي سينٽرل ڊولپمينٽ ورڪنگ پارٽيءَ پاران 115 ارب 89 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ ماليت جي 7 ترقياتي منصوبن جي منظوري ڏني وئي آهي. حڪومت ترقياتي سرگرمين کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وسيلا مختص ڪرڻ چاهي ٿي پر موجوده معاشي حالتن ۾ جڏهن ملڪ قرضن، مهانگائي، محدود وسيلن ۽ وڌندڙ مالي دٻاءَ ڪي منهن ڏئي رهيو آهي، تڏهن هر رپئي جي اثرائتي ۽ شفاف استعمال کي يقيني بڻائڻ اڳ کان وڌيڪ ضروري ٿي ويو آهي. ترقياتي منصوبن ۾ فوڊ اينڊ ايگريڪلچر، اعليٰ تعليم، انفارميشن ٽيڪنالاجي، بهتر حڪمراني، رانديون ۽ آبي وسيلن جهڙن شعبن کي شامل ڪرڻ هڪ مثبت رُخ آهي. ڇاڪاڻ ته ملڪ جي حقيقي ترقي صرف روڊن، پُلين ۽ سرڪاري عمارتن جي تعمير سان ممڪن نٿي بڻجي سگهي.

زراعت ملڪي معيشت، روزگار ۽ خوراڪ جي تحفظ جو بنيادي شعبو آهي. تنهن ڪري ان ۾ جديد ٽيڪنالاجي، پاڻيءَ جي بچت، بهتر ٻج، جديد پوک جا طريقا ۽ مارڪيٽ تائين رسائيءَ کي ترقياتي پاليسين جو مرڪز بڻائڻ گهرجي. ساڳيءَ ريت اعليٰ تعليم کي تحقيق، جدت ۽ روزگار جي ضرورتن سان ڳنڍڻ ڪانسواءِ نوجوانن جي وڌندڙ آباديءَ کي معاشي طاقت ۾ تبديل ڪرڻ ڏکيو هوندو. پر هتي سڀ کان اهم سوال منصوبن جي منظوريءَ کان پوءِ شروع ٿئي ٿو. ماضيءَ جو تجربو ٻڌائي ٿو ته اسان وٽ ڪيترائي منصوبا انتهائي شاندار نموني شروع ڪيا ويندا آهن پر عملي مرحلي ۾ يا ته مقرر وقت تي مڪمل نه ٿي سگهندا آهن يا وري انهن جي لاڳت ڪيترائي ڀيرا وڌي ويندي آهي. ان کان علاوه منصوبن جي اصل مقصد ۾ اهڙيون تبديليون آنديون وينديون آهن جو عوام کي متوقع فائدو ئي ناهي ملي سگهندو. اهڙي صورتحال ۾ رڳو نئين منصوبي جو اعلان ڪرڻ ڪافي نه آهي پر ان جي هر مرحلي تي سخت نگراني، شفافيت ۽ احتساب ضروري آهي.

هر ترقياتي منصوبي لاءِ شروعات ۾ ئي واضح هدف، مقرر وقت، لاڳت جي حد ۽ متوقع نتيجا طئي ٿيڻ گهرجن. منصوبي جي نگراني صرف فائلن ۽ اجلاس تائين محدود نه هجي پر ان جي عملي اڳڀرائيءَ بابت عوام ۽ پارليامينٽ کي به باقاعده معلومات فراهم ڪئي وڃي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي ۾ لاڳت وڌي رهي آهي يا دير ٿي رهي آهي ته ان جا سبب سامهون آندا وڃن ۽ ذميوارين جو تعين ڪيو وڃي. ترقياتي بجيٽ کي سياسي نمائش يا پسنديده علائقن ۽ ادارن جي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ بدران قومي ضرورتن ۽ عوامي فائدي کي بنياد بڻائڻو پوندو. 94 ارب 30 ڪروڙ رپين جي ٻن وڏن منصوبن کي وڌيڪ غور لاءِ ايڪنڪ ڏانهن موڪلڻ به حڪومت لاءِ هڪ اهم موقعو آهي ته جيئن ڇاڻبيل منصوبن جو خرچ، ضرورت ۽ متوقع نتيجن جو غيرجانبدار جائزو ورتو وڃي. وڏن منصوبن ۾ رڳو سرمائيڪاري نه پر انهيءَ مان پيدا ٿيندڙ معاشي سرگرمي، روزگار، آمدني ۽ عوامي سهولت کي به حساب ۾ آڻڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن منصوبي تي اربين رپيا خرچ ٿيڻا آهن ته ان بابت اهو سوال لازمي پڇيو وڃي ته ان خرچ جي بدلي ۾ ملڪ ۽ عوام کي ڪيترو فائدو حاصل ٿيندو؟ هوئڻءَ به ڏٺو وڃي ته ملڪ کي هن وقت اهڙن منصوبن جي ضرورت آهي، جيڪي عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ واضح تبديلي آڻين. جيڪا محسوس پڻ ڪري سگهجي. باقي جيڪڏهن اربين رپيا خرچ ٿيڻ باوجود روزگار جا موقعا وڌن، نه ئي وري زراعت جي پيداوار بهتر ٿئي، پاڻيءَ جا مسئلا گهٽ ٿين، تعليم جو معيار بلند نه ٿئي ته پوءِ ترقياتي انگ اکر ڪنهن ڪم جا نه رهندا؟ جيڪڏهن حڪومت واقعي ۾ به ترقياتي منصوبن کي قومي تبديليءَ جو ذريعو بڻائڻ چاهي ٿي ته پوءِ منصوبا منظور ڪرڻ کان وڌيڪ اهم ڪم انهن کي وقت سِر ۽ شفاف طريقي سان مقرر ڪيل هدف مطابق مڪمل ڪرڻ هوندو.

آمريڪا جي فضائن مان: ڇا ڏهن سالن بعد مصنوعي ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟


راجا زاهد اختر خانزادو

(حصو پهريون ۽ آخري)

اِهي هڪ ئي ڪمپنيءَ جون به مختلف تصويرون آهن، هڪ پاسي حفاظتي ٽيمن جو خاتمو، ٻئي طرف هڪ حقيقي خطري جي اَڳواڻي تي فوري، نسيدارانه ردعمل ميٽا ۽ ايڪس اي آءِ بابت آزاد ادارن جي طرفان ڪيل تازن جائزن ۾ به مختلف نتيجا سامهون آيا آهن جن ۾ ميٽا جي ڪارڪردگيءَ ۾ بهتري ۽ ايڪس اي آءِ جي ڪارڪردگيءَ ۾ گهٽتائي نوٽ ڪئي وئي آهي ۽ شايد سڀ کان وڌيڪ قابلِ غور ڳالهه هيءَ آهي ته گذريل ٻن سالن دوران اهي ئي ڪمپنيون، جن ڪڏهن پنهنجي ٽيڪنالاجي جي دفاعي استعمال تي پابندي مڙهي هئي هاڻي آهستي آهستي هن پابنديءَ کان پوئتي هٽي رهيون آهن ۽ دفاعي شراڪتدارين ڏانهن وڌي رهيون آهن هن سڀ مان اهو نتيجو ڪڍڻ ته سموري صنعت هڪجهڙي طرح حفاظت کي واپاري مفاد جي ور چاڙهي رهي آهي هڪ ناانصافي عموميت ٿيندي. وڌيڪ صحيح ڳالهه هيءَ آهي ته ڪجهه هنڌن تي واپاري ۽ مقابلي جي دٻاءَ جا ٺوس ثبوت موجود آهن پر هن صنعت جو مجموعي رويو ڪڏهن به هڪجهڙو ناهي جڏهن اسين هن ٽيڪنالاجيءَ کي قابو ۾ رکڻ جي علمي نظام ڏانهن نهاريون ٿا ته هڪ ٻي حقيقت سامهون اچي ٿي برطانيه جو نظام اڃا تائين رضاڪارانه آهي جتي حڪومت واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن رضاڪارانه جاچ ناڪافي ثابت ٿي ته قانون سازي ڪئي ويندي پر اڃا تائين اهو صرف هڪ شرط آهي ڪو قانون ناهي

آمريڪا وٽ اڃا تائين ڪو جامع وفاقي اي آءِ قانون موجود ناهي ۽ ڪانگريس اندر رياستي قانونن کي گڏ ڪرڻ يا ختم ڪرڻ تي سخت سياسي اختلاف جاري آهي يورپي يونين جو اي آءِ ايڪٽ، جيڪو دنيا جو سڀ کان جامع قانوني ڍانچو سمجهيو وڃي ٿو، پنهنجي اعليٰ خطري جي شرط لاڳو ڪرڻ کي ملتوي ٿي چڪو آهي چين هڪ تهه در تهه نظام قائم ڪيو آهي جيڪو گهٽ ۾ گهٽ ڪري اندراج ليبلنگ ۽ نگرانيءَ تي ٻڌل آهي پر ان جو مقصد قومي سلامتي ۽ سماجي نظم ۽ ضبط آهي نه ڪي علمي سطح تي انسانيت کي ڪنهن وجودي خطري کان بچائڻ 2025ع جي آگسٽ مهيني ۾ گڏيل قومن به ادارا قائم ڪيا آهن هڪ آزاد بين الاقوامي سائنسي پينل ۽ هڪ علمي مذاڪراتي فورم، هن پينل جي چاليهن ميمبرن ۾ يوشوا بينجيو به شامل آهي هن پينل پنهنجي پهرين رپورٽ ۾ هڪ بنيادي ۽ اهم ڳالهه چئي آهي ته سائنس اها ضمانت نٿي ڏئي سگهي ته جديد ترين هٿرادو ذهانت ڪڏهن به تباهه ڪن نقصان نه رسائيندي پر اها ڳالهه نه ته ڪا اڳڪٿي آهي نه ڪا ڏهه سالن جي آخري تاريخ هيءَ رڳو هڪ ايمانداراڻه اعتراف آهي ته غير يقيني صورتحال ۾ ڪو به سائنسي ادارو مڪمل تحفظ جي ضمانت نٿو ڏئي سگهي ۽ هيءَ سمورو فورم پنهنجي نوعيت ۾ غير پابند آهي هيءَ ڪنهن کي ڪجهه ڪرڻ تي مجبور نٿو ڪري سگهي هيءَ رڳو علم ورهائڻ ۽ مذاڪري کي جيئرو رکڻ جو هڪ ذريعو آهي هتي ئي هن سموري موضوع جي وچ ۾ هڪ اهڙو سوال پيدا ٿئي ٿو جيڪو شايد عددي امڪانن رپورٽن ۽ قانونن کان تمام وڌيڪ اهم آهي ڇا اصل خطرو هن ڳالهه ۾ آهي ته مشين هڪ ڏينهن اسان کان وڌيڪ ذهين ٿي ويندي؟ يا اصل خطرو هن ڳالهه ۾ آهي ته انسان پنهنجي ئي ٺاهيل ذهانت جي مقابلي ۾ اخلاقي طور تي ننڍو ثابت ٿيندو؟ ڇاڪاڻ ته ذهانت پاڻ ۾ اخلاقي رُخ نٿي رکي خطرو ان مقصد مان پيدا ٿئي ٿو جيڪو ان کي ڏنو وڃي ان اختيار مان جيڪو ان کي سونپيو وڃي انهن ترغيبن مان جيڪي ان جو رخ مقرر ڪن ۽ ان نظام مان جنهن اندر ان کي ڪم ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي خطرو انساني لالچ به ٿي سگهي ٿو مقابلو به، تڪڙ به ۽ ڪڏهن ڪڏهن اهڙو مقصد به جنهن کي مشين انسان جي توقع کان بلڪل مختلف طريقي سان پورو ڪرڻ لڳي هڪ انتهائي ذهين مشين جيڪڏهن انسان جي بهترين قدرن تي تعمير ڪئي وڃي شايد انسانيت جي وڏي خدمت ثابت ٿئي ۽ اها ئي مشين جيڪڏهن منافعي، مقابلي ۽ تڪڙ جي پاڇي ۾ تعمير ڪئي وڃي، شايد ساڳئي انسانيت لاءِ سڀ کان وڏو امتحان بڻجي وڃي

هيءُ سڀ ڪجهه جيڪڏهن رڳو خوف جي ڪهاڻي بڻجي وڃي ته اها هڪ اڌوري ۽ ناانصافي تصوير ٿيندي. ڇاڪاڻ ته ساڳي ذهانت، جيڪا خطرن جو سبب بڻجي سگهي ٿي، ساڳي ذهانت انسانيت کي ڪجهه اهڙا تحفا به ڏئي رهي آهي جيڪي ڪجهه سال اڳ ناممڪن سمجهيا ويندا هئا. الفا فولڊ نالي نظام پروٽين سائنس ۾ اهو ڪارنامو سرانجام ڏنو جنهن کي ڏهاڪن کان سائنسدان حل ڪري نه سگهيا هئا. ان جي تياريءَ ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندڙ ڊيمس هسابس ۽ جان جمپر کي پروٽين جي جوڙجڪ جي اڳڪٿي جي ساڳئي ڪم تي 2024ع ۾ ڪيمسٽريءَ جو نوبل انعام جو اڌ حصو ڏنو ويو، جڏهن ته باقي اڌ ڊيوڊ بيڪر کي ڪمپيوٽيشنل پروٽين ڊيزائين تي مليو. هڪ تحقيقي اداري جي پنهنجي رپورٽ مطابق هن ٽيڪنالاجي دوا جي دريافت لاءِ استعمال جوڳن پروٽينز جي تعداد کي ٻيڻو ڪري ڇڏيو آهي ساڳي ٽيڪنالاجيءَ جي مدد سان سرطان جي خلين جي پيچيده جوڙجڪ کي سمجهڻ ۽ نئين دوائن جي شروعاتي نشاندهي ۾ غير معمولي پيشرفت ٿي آهي ساڳي هٿرادو ذهانت معذور ماڻهن لاءِ آواز ۽ نظر جا نوان رستا کوليا آهن. تعليم جي ميدان ۾ هر شاگرد لاءِ انفرادي رهنمائيءَ کي ممڪن بڻايو آهي ۽ ڪجهه سائنسي مسئلن ۾ تحقيق جي انهن مرحلن کي غير معمولي طور تي تيز ڪري ڇڏيو آهي جن لاءِ اڳ گهڻو وقت ۽ انساني محنت گهربل هوندي هئي اهوئي اهو تضاد آهي جيڪو هن سموري بحث جي دل ۾ بيٺل آهي ساڳي ذهانت انسانيت کي بيماري، جهالت ۽ محدوديت کان آزاد ڪري سگهي ٿي ۽ ساڳي ذهانت، جيڪڏهن غلط هٿن ۾ هلي وڃي انسانيت کي نون بيمارين، نون خطرن ۽ نئين تباهي به آڻي سگهي ٿو اسين حقيقت ۾ هڪ اهڙي ٻاهه جي چوڌاري ويهي رهيا آهيون، جنهن صدين کان انسان کي سرديءَ کان بچايو آهي ڪيس روشني ڏني آهي ڪيس کاڌو پچائڻ سيکاريو آهي پر اها ئي ٻاهه ذري گهٽ سموري گهر کي به ساڙي سگهي ٿي ۽ اصل سوال ڪڏهن به ٻاهه جي طاقت جو ناهي هوندو اصل سوال هميشه ان هٿ جو هوندو آهي جيڪو ٻاهه کي جهليل آهي، ان نيت جو هوندو آهي جيڪا ان کي ٻاريندي آهي ۽ ان دانائيءَ جو هوندو آهي جيڪا ان کي قابو ۾ رکندي آهي ڇا ڏهن سالن بعد هٿرادو ذهانت انسانيت کي ختم ڪري ڇڏيندي؟ هن سوال جو ڪو سائنسي ۽ حتمي جواب موجود ناهي، ان ڪري اڄ جيڪا به يقيني اڳڪٿي ڪئي ويندي، اها علم کان وڌيڪ قياس جي دائري ۾ هوندي. ڏهن سالن جو اهو مدو سائنسي طور تي مقرر ٿيل ڪا حد ناهي، اهو رڳو ڪجهه ماهرن جي ذاتي اندازن ۽ صلاحيتن ۾ ٿيندڙ تيز رفتار پيشرفت ۽ ميڊيا جي ڌيان مان جنم وٺندڙ هڪ فريم آهي، جنهن کي بار بار ورجائڻ سان هڪ قسم جو رنگ ملي ويو آهي، جيڪو حقيقت ۾ ان وٽ ناهي ها..! اهو ممڪن آهي ته ايندڙ ڏهاڪو وڌيڪ اهم ثابت ٿئي پر انهيءَ جو اهم هجڻ جو سبب هي ناهي ته ڪا سائنسي گهڙي ٽڪ ٽڪ ڪري رهي آهي ان جو سبب اهو آهي ته اهي ئي اهي سال هوندا، جن ۾ انسان کي اهو مقرر ڪرڻو پوندو ته هو هن نئين تيزيءَ سان وڌندڙ ذهانت سان قانون جو ڪهڙو تعلق قائم ڪري ٿو؟ اخلاقيات جو ڪهڙو مقام رکي ٿو؟ طاقت ۽ منافعي جي وچ ۾ ڪٿي لڪير ڇڪي ٿو؟ ۽ ذميداريءَ کي ڪهڙي حد تائين سنجيدگيءَ سان وٺي ٿو؟ شايد انسانيت جو حتمي فيصلو ان ڳالهه مان نه ٿيندو ته مشين ڪيتري ذهين ٿيءَ؟ شايد فيصلو هن ڳالهه مان ٿيندو ته جنهن پل انسان پنهنجي کان وڌيڪ ذهين ڪا شيءِ ٺاهڻ جي جرئت ڪئي، ساڳئي وقت هو پنهنجي عقل سان گڏ پنهنجو ضمير به جيئرو رکي سگهيو يا نه؟

آمريڪا ۽ ايران جي جنگ دنيا کي ڪٿي بيهاريندي؟


محمد اسماعيل لانگاهه

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ هلندڙ جنگ جا تمام ناڪاري ۽ هلجيڪار اثرونما ٿيڻ شروع ٿيا آهن. جنهن جي پهرين مرحلي دوران دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جي اهم ضرورت، يعني تيل علمي مارڪيٽ ۾ في بيرل 110 رپين جي خطرناڪ ليول تائين اچي چڪو آهي ۽ پوري دنيا ڄاڻي ٿي ته آمريڪا جنگ صرف تيل حاصل ڪرڻ لاءِ وڙهندو رهي ٿو عرب ۽ ٿلرجي ملڪن تي ته هو قابض ٿي چڪو آهي صرف ايران واحد اسلامي ملڪ آهي جيڪو آمريڪا جهڙي علمي طاقت جي آڏو مجڻ لاءِ تيار ناهي امن بابت ٿيل ٺاهه جي ڪوشش تي ٻنهي ملڪن کي ڪوبه اعتماد ناهي رهيو. گذريل ڪيترن ئي ڏينهن کان وري ٻنهي ملڪن هڪ ٻئي جي سامونڊي حدن ۾ بيٺل ٻيڙن تي حملا ڪيا پيا وڃن. سو هڪ ڀيرو ٻيهر شروع ٿيل انهيءَ جنگ جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ غريب ملڪن کي بيچينيءَ سان جنگ جي مڪمل ختم ٿيڻ جو انتظار آهي؟ اهو سڀ ڪجهه ڪيئن ممڪن ٿيندو؟ دنيا اڳ ئي ڪيترن ئي بحرانن جنگين ۽ معاشي مسئلن جي ور چڙهيل آهي اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ سڌي جنگ شروع ٿئي ٿي ته ان جا اثر رڳو ٻن ملڪن تائين محدود نه رهندا پر پوري دنيا کي هڪ اهڙي خطرناڪ موڙ تي بيهاري سگهن ٿا، جتان واپسي آسان نه هوندي. ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڪيترن ئي سالن کان ڇڪتاڻ جاري آهي جيڪڏهن اها ڇڪتاڻ مڪمل جنگ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي ته وچ اوڀر جو امن سخت متاثر ٿيندو ۽ ٻين ملڪن جي مداخلت جو خطرو پڻ وڌي سگهي ٿو. هن جنگ جو سڀ کان وڏو اثر تيل ۽ گئس جي علمي مارڪيٽ تي پئجي سگهي ٿو. وچ اوڀر دنيا جي توانائيءَ جي فراهميءَ لاءِ انتهائي اهم علائقو آهي جيڪڏهن جنگ سبب تيل جي فراهمي متاثر ٿئي ٿي ته علمي مارڪيٽ ۾ تيل جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي سگهن ٿيون. ان جو سڌو اثر عام ماڻهوءَ جي زندگي تي پوندو، پيٽرول، بجلي، کاڌي پيتي جي شين ۽ اڄ وچ جا خرچ وڌي سگهن ٿا. يورپ ۽ ايشيا جي معيشت به اهڙي بحران کان محفوظ نه رهندي. واپار، سامونڊي رستا ۽ علمي سپلاءِ چين متاثر ٿيڻ سان مهانگائيءَ ۾ واڌ ٿيندي. ان کان علاوه اهي ترقي پذير ملڪ، جيڪي اڳ ئي معاشي دٻاءَ هيٺ آهن، انهن لاءِ صورتحال وڌيڪ ڏکي ٿي سگهي ٿي ٻئي طرف جنگ جيڪڏهن ڊگهي ٿي وڃي ته اها وچ اوڀر جي ٻين ملڪن کي به پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي سگهي ٿي مختلف گروپن ۽ هٿياربند گروهه پنهنجي پنهنجي مفادن تحت ميدان ۾ اچي سگهن ٿا. اهڙي صورتحال ۾ هڪ محدود جنگ وڏي علائقائي جنگ جو روپ اختيار ڪري سگهي ٿي هن بحران جو هڪ اهم پاسو علمي سياست پڻ آهي آمريڪا جا اتحادي ملڪ پنهنجي حڪمت عملي اختيار ڪندا، جڏهن ته روس ۽ چين جهڙيون وڏيون طاقتون به پنهنجي مفادن مطابق ردعمل ڏئي سگهن ٿيون نتيجي ۾ دنيا هڪ ڀيرو ٻيهر طاقت جي ٻن يا وڌيڪ وڏن ڌڙن ۾ ورهائجڻ طرف وڃي سگهي ٿي پاڪستان لاءِ به اهڙي جنگ جا اثر انتهائي اهم هوندا. وچ اوڀر سان پاڪستان جا معاشي، سفارتي ۽ عوامي لاڳاپا گهرا آهن تيل جي قيمتن ۾ واڌ، ٻاهرين ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ پاڪستانين جي صورتحال ۽ خطي ۾ وڌندڙ سلامتيءَ جا مسئلا پاڪستان جي معيشت ۽ پرڏيهي پاليسي ٻنهي لاءِ چئلينج پيدا ڪري سگهن ٿا. اصل سوال اهو آهي ته ڇا دنيا هڪ ٻي وڏي جنگ جو بار برداشت ڪري سگهي ٿي؟ جو ته جديد دور ۾ جنگ صرف ميزائلن ۽ بمن سان ناهي وڙهي ويندي پر ان جا اثر معيشت، توانائي، سائبر اسپيس، واپار ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تائين پهچندا آهن

هدايه ٽرسٽ جا بند اسڪول ۽ سوين ٻارن جي مستقبل جو سوال!


منظور ڪوسو

غربت، محرومي ۽ بي وسيءَ مان نڪرڻ جو واحد مضبوط رستو تعليم آهي پر الميو اِهو آهي ته اسان وٽ هن رستي ۾ ڪيئي مسئلا ۽ ڪيئي رڪاوٽون آهن. يونيسيف ۽ ڪن ٻين ادارن جون رپورٽون آهن ته سنڌ ۾ 74 لک کان 78 لک تائين ٻارڙا، جن ۾ نياڻين جو تعداد 41 لک آهي، سي اسڪول کان ٻاهر آهن. مهانگائيءَ جي شرح 13 في سيڪڙو کان اڳتي وڌڻ لاءِ پر هٽي رهي آهي. روزمره جي بنيادي شين اٽو، چانور، داليون، بصر، پٽاٽا ۽ گيهه وغيره جا اگهه غريب جي پهچ کان مٿي چڙهندا پيا وڃن. هڪ مزدور صبح کان شام تائين پورهيو ڪري ٿو پر گهر جون بنيادي ضرورتون پوريون نٿو ڪري سگهي. تيل جون قيمتون مستحڪم نه ٿيڻ ڪري شين جا اگهه به ڏينهون ڏينهن مهانگا ٿيندا پيا وڃن. ليبر ڪاتي، يونيسيف ۽ بيورو آف اسٽيٽڪس جي هڪ گڏيل جائزي موجب سنڌ ۾ 16 لک کان وڌيڪ ٻار چائيلڊ ليبر جو شڪار آهن، جن مان قمبر-شهدادڪوٽ ۾ 30.8 في سيڪڙو، ٿرپارڪر ۾ 29 في سيڪڙو، شڪارپور ۾ 20.2 في سيڪڙو، ٽنڊو محمد خان ۾ 20.3 في سيڪڙو، ڪراچيءَ ۾ 2.38 في سيڪڙو جبري مشقت جو شڪار آهن ۽ انهن مان 20 في سيڪڙو کان وڌيڪ ٻارڙن ۾ ڊپريشن جون علامتون ڏٺيون ويون. وطن عزيز ۾ ست ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهو انتهائي غربت واري زندگي گذاري رهيا آهن. اتي لٽي اجهي تعليم، صحت ۽ زندگيءَ جي ٻين بنيادي ضرورتن کان ڪروڙين ماڻهو محروم آهن. جنهن معاشري ۾ ملڪ جي اعليٰ پڙهيل لکيل طبقي ۾ به بيروزگاري جي شرح 2025ع جي هڪ رپورٽ موجب 12.2 في سيڪڙو هجي ته اُتي مفلسي جو اندازو لڳائڻ ڪو مشڪل ڪونهي انهن سيني حالتن ۽ انگن اکرن کي ڏسندي اسان لاءِ اِها ڳالهه افسوس جوڳي ته آهي پر اچرج جهڙي نه هئڻ گهرجي ته ڪيترا لک ٻارڙا اسڪول کان ٻاهر آهن. سنڌ ۾ ذاتين برادرين جا جهيڙا، جن ويڙها ويران ڪري ڇڏيا نه جرڳا انهن مسئلن کي حل ڪري سگهيا نه رياست ڪنٽرول ڪري سگهي. اهڙن علائقن ۾ جتي استاد به ماريا وڃن يا ڦريا وڃن، اُتي اسڪول ڇا هلندا هوندا. انهن سڀني مان نجات ملندي ته تعليم جو مسئلو به حل طرف ويندو. مفلسي، بيروزگاري، مهانگائي، چائيلڊ ليبر، سياسي بيقيني ۽ بيوروڪريسي جي ڪرپشن، اِهي اهڙيون حالتون آهن جن سنڌ ۾ تعليم جي شعبي سان گڏ هر شعبي کي بي پناهه نقصان ڏنو آهي. جڏهن حالتون اِن سطح تي هجن ته تعليم عام ڪرڻ جي ڏس ۾ حڪومت ڪانسواءِ جيڪي ٻيا فلاحي ادارا سرگرم آهن ته انهن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي نه ڪي حوصلا شڪني، ائين ڪرڻ سان ٿيو ته نه گهٽ ۾ گهٽ اسڪول کان ٻاهر رهيل ٻارڙن جي انگ ۾ ڪجهه نه ڪجهه گهٽتائي اچي سگهي ٿي. شڪارپور ۾ هدايه ٽرسٽ 1999ع کان سماجي ڀلائي، تعليم، صحت ۽ روزگار سميت مختلف شعبن ۾ ضرورتمند ماڻهن جي خدمت ڪري رهيو آهي. ٽرسٽ پاران ٻارن کي تعليم سان ڳنڍڻ لاءِ ڪنيل قدم انهيءَ وڏي سماجي ذميواريءَ جو حصو آهن.

> شڪارپور جي سرڪاري اسڪولن تي اڳ ئي شاگردن جو وڏو دٻاءُ آهي. ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڪلاس روم گنجائش کان وڌيڪ ڀريل آهن ۽ ڪجهه ڪلاسن ۾ شاگردن جو انگ سئو کان به وڌيڪ ڏٺو ويو آهي. جيڪڏهن هدايه ٽرسٽ جا اسڪول نه ٿا کلن ته سرڪاري اسڪولن ۾ ايتري گنجائش ڪونه آهي جو سوين ٻارن کي داخلا ڏئي سگهجي. اڄ ڪالهه هدايه ٽرسٽ جا ڪيئي شاگرد رُلندي ۽ ڪِن ڪچري مان ڪباڙ ميڙيندي ڏٺا ويا آهن. هي قوم جي ٻچڙن جو هڪ وڏو تعليمي نقصان آهي، جن تي ٽرسٽ ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. هي معاملو ڪنهن هڪ اداري جي حق يا مخالفت جو ناهي. هي ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي. حڪومت وٽ وسيلا محدود آهن ۽ خانگي سماجي ادارا پنهنجي وسيلن سان عوامي خدمت ڪري رهيا آهن. اهڙن ادارن سان تعاون جو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي.

گرمين جي موڪلن جو عرصو غريب خاندانن جي ٻارن لاءِ اڪثر ٻين ٻارن کان مختلف هوندو آهي. خوشحال خاندان پنهنجن ٻارن کي خانگي ٽيوشن، ڪوچنگ سينٽر ۽ ٻين تعليمي سرگرمين ۾ شامل ڪرائي سگهن ٿا، پر غريب والدين لاءِ اِهو خرچ برداشت ڪرڻ آسان ناهي. نتيجي ۾ ٻار يا ته گهر ۾ بي مقصد وقت گذارين ٿا يا وري خاندان جي معاشي ضرورتن سبب مزدوري ۽ پورهئي ڏانهن هليا وڃن ٿا ۽ ائين ڪرڻ سان انهن جو وري تعليم ڏانهن واپس ورڻ ڏاڍو ڏکيو ٿئي ٿو. انهيءَ پسمنظر ۾ هدايه ٽرسٽ پاران گرمين جي موڪلن دوران ٻارن لاءِ تعليمي سلسلو جاري رکڻ هڪ قابل قدر قدم هو خاص طور تي ٻارن کي تعليم سان گڏ وظيفو فراهم ڪرڻ ان ڳالهه جو ثبوت هو ته ٽرسٽ رڳو پڙهائڻ نه، پر غريب ٻارن کي تعليم سان مستقل طور جوڙي رکڻ چاهي ٿو. هيءَ ڳالهه سمجهڻ ضروري آهي ته غريب خاندان لاءِ ٻار جي اسڪول وڃڻ ۽ گهر جي خرچ ۾ هٿ ونڊائڻ جي وچ ۾ چونڊ ڪڏهن ڪڏهن انتهائي ڏکي هوندي آهي. جيڪڏهن ٻار کي وظيفو ملي ٿو ته ان خاندان تي معاشي دٻاءُ ڪجهه گهٽجي سگهي ٿو ۽ ٻار کي مزدوري بدران تعليم جاري رکڻ جو موقعو ملي سگهي ٿو. ان دوران شديد گرمي ۽ حبس سبب ڪجهه ٻارن جي طبيعت خراب ٿيڻ ۽ بيهوش ٿيڻ جو واقعو پڻ سامهون آيو. متاثر ٻارن کي سول اسپتال شڪارپور ۾ فوري طبي امداد ڏني وئي ۽ بعد ۾ گهر موڪليو ويو. يقيناً ٻارن جي صحت ۽ حفاظت تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. پر ڇا ڪجهه ٻارن جي صحت بابت پيش آيل واقعي جو حل اِهو آهي ته سوين ٻارن جي تعليم ئي بند ڪري ڇڏجي؟ اسڪول بند ڪرڻ سان گرميءَ جو مسئلو ته عارضي طور حل ٿي سگهي ٿو پر ٻارن جي تعليم جو مسئلو وڌيڪ سنگين بڻجي سگهي ٿو. اسڪول ويڪيشن ڪاٽيوءَ ڪلي چڪا آهن پر هدايه ٽرسٽ جا اسڪول بند آهن. شڪارپور جي سرڪاري اسڪولن تي اڳ ئي شاگردن جو وڏو دٻاءُ آهي ڪيترن ئي اسڪولن ۾ ڪلاس روم گنجائش کان وڌيڪ ڀريل آهن ۽ ڪجهه ڪلاسن ۾ شاگردن جو انگ سئو کان به وڌيڪ ڏٺو ويو آهي. جيڪڏهن هدايه ٽرسٽ جا اسڪول نه ٿا کلن ته سرڪاري اسڪولن ۾ ايتري گنجائش ڪونه آهي جو سوين ٻارن کي داخلا ڏئي سگهجي. اڄ ڪالهه هدايه ٽرسٽ جا ڪيئي شاگرد رُلندي ۽ ڪِن ڪچري مان ڪباڙ ميڙيندي ڏٺا ويا آهن. هي قوم جي ٻچڙن جو هڪ وڏو تعليمي نقصان آهي، جن تي ٽرسٽ ۽ لاڳاپيل ادارن کي فوري تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي. هي معاملو ڪنهن هڪ اداري جي حق يا مخالفت جو ناهي. هي ٻارن جي مستقبل جو سوال آهي. حڪومت وٽ وسيلا محدود آهن ۽ خانگي سماجي ادارا پنهنجي وسيلن سان عوامي خدمت ڪري رهيا آهن. اهڙن ادارن سان تعاون جو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي. خاص طور تي جڏهن معاملو غريب ٻارن جي تعليم جو هجي ته پاليسي اِها هجڻ گهرجي ته جيڪو ٻار اسڪول ۾ آهي، ان کي ڪنهن به صورت ۾ اسڪول کان ٻاهر نه وڃڻ ڏنو وڃي. قوم جو مستقبل ڪنهن به اداري، ڪاتي يا انتظامي فيصلي کان مٿيرو هئڻ گهرجي.

سنڌ ۾ روڊن جي تعمير، سهولت بدران عذاب ڇو؟


نور سنڌي

سنڌ ۾ ڪافي وقت کان گهرن، دڪانن ۽ مارڪيٽن جي سطح کان مٿي ٺهندڙ روڊ عوام لاءِ عذاب بڻيل آهن. جنهن سبب خلقِ خدا جو وڏو نقصان ٿيندو رهي ٿو سرنڌي وارا ته پنهنجا گهر، دڪان ۽ مارڪيٽون مٿي ڪرائي وڃن ٿا پر اهي غريب ماڻهو جيڪي الائي ڪهڙين حالتن ۾ پيٽ تي پٿر رکي گهر ۽ دڪان ٺهرائين ٿا. جڏهن بنا مناسب منصوبابنديءَ جي شهرن ۾ روڊ ۽ رستا وري ٺهڻ شروع ٿين ٿا ته سندن گهر ۽ دڪان روڊن کان هيٺ ٿي وڃن ٿا. پوءِ سندن هٿ مٿي تي اچي وڃن ٿا. ڇاڪاڻ ته سندن مالي حيثيت اهڙي نه هوندي آهي جو فوري طور لکين رپيا خرچ ڪري پنهنجا گهر دڪان ۽ داخلا ٻيهر مٿي ڪرائي سگهن. برسات ۾ اهڙا گهر، دڪان ۽ مارڪيٽون پاڻيءَ ۾ ٻڏيو وڃن ۽ ماڻهن کي وڏو نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو.

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ روڊ، رستا ۽ گهٽيون ڪيترائي ڀيرا ٻيهر ٺهندا رهن ٿا پر ڪجهه سالن کان پوءِ وري مرمت يا نئين سِر تعمير جي ضرورت پئجي وڃي ٿي ڪٿي ڪٿي جڏهن پراڻن روڊن ۽ گهٽين جي کوٽائي ٿئي ٿي ته پراڻين روڊن جون ڪيترين ئي تهن جا نشان نظر اچن ٿا. شهرن ۾ هزارين اهڙا گهر ۽ دڪان آهن جيڪي روڊن کان هيٺ آهن. برسات پوي ٿي ته جيڪو پاڻي اڳ روڊ تان وهي نڪري ويندو هو اهو هاڻي گهر جي دروازي تائين اچي بيهي ٿو ۽ آخرڪار اندر داخل ٿي وڃي ٿو. دڪاندار به ان تڪليف کان بچيل ناهن. دڪانن جون داخلا هيٺ ٿي وڃڻ سان ڪاروبار متاثر ٿئي ٿو. سوال اهو اهم آهي ته روڊ جي سطح آخر ڪهڙي بنياد تي مقرر ٿئي ٿي؟ جيڪڏهن روڊ عوام جي سهولت لاءِ آهي ته ان جي تعمير کان اڳ اهو جائزو ڇو نه ورتو وڃي ته روڊ مڪمل ٿيڻ کان پوءِ پرياسي جا گهر، دڪان ۽ گهٽيون ڪهڙي سطح تي رهندا؟ برسات جو پاڻي ڪهڙي طرف ويندو؟ ناليون ۽ گٽر ڪهڙي سطح تي هوندا؟ ۽ جيڪڏهن روڊ مٿي ڪيو ويو ته هيٺ رهجي ويندڙ آبادي لاءِ پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست ڇا هوندو؟

دنيا ۾ روڊ جي سطح لاءِ ڪو هڪ مقرر عالمي فارمولو ناهي پر آباد علائقن ۾ بنيادي فني اصول واضح آهن. ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ موجوده سطح ماپي وڃي ٿي، پرياسي جي گهرن، دڪانن ۽ گهٽين جي سطح ڏٺي وڃي ٿي، زمين جي ڍلان ۽ پاڻي جي وهڪري جو جائزو ورتو وڃي ٿو. پوءِ نئين روڊ جي سطح مقرر ڪئي وڃي ٿي. اسان جي ملڪ، خاص طور تي سنڌ ۾ روڊ ٺاهڻ وقت اهڙي فني رٿابندي ۽ پرياسي جي آباديءَ جي سطح کي ڪيتري اهميت ڏني وڃي ٿي؟ روڊ ۽ پاڻيءَ جي نيڪال کي الڳ الڳ ڪم سمجهڻ بدران هڪ ئي منصوبي جو حصو بڻائڻ ضروري آهي. جيڪڏهن روڊ مٿي ڪيو وڃي ۽ ناليون، گٽرن ۽ برساتي پاڻيءَ جي وهڪري کي ساڳئي حساب سان ترتيب نه ڏنو وڃي ته پاڻي هيٺين سطح ڏانهن ويندو. جيڪا ڪيترن هنڌن تي گهر، دڪان، ڪلينڪ، هوٽل، مارڪيٽ يا گهٽي هوندي آهي. گذريل ڪجهه سالن کان سنڌ ۾ برساتي ٻوڏن کان پوءِ ڪيترن هنڌن تي روڊن کي پاڻيءَ کان بچائڻ لاءِ سطح وڌائڻ جي ضرورت محسوس ٿي پر روڊ بچائڻ سان گڏ پرياسي جي ماڻهن جا گهر ۽ ڪاروبار به محفوظ رکڻ ضروري آهي. روڊ مٿي ڪرڻ سان جيڪڏهن ماڻهن جون ملڪيتون هيٺ رهجي وڃن ۽ پاڻي انهن ڏانهن موٽڻ لڳي ته اهڙي تعمير جو مقصد ئي متاثر ٿي وڃي ٿو. اسان سنڌ جي ساڃاهه وندن پاران سنڌ حڪومت جو ڌيان هن اهم مسئلي ڏانهن ڇڪائيندي مطالبو ٿا ڪريون ته شهرن توڙي ڳوٺن ۾ روڊ ٺاهڻ يا ان جي سطح وڌائڻ کان اڳ گهرن، دڪانن ۽ گهٽين جي موجوده سطح جي لازمي ماپ ڪئي وڃي. هر منصوبي ۾ موجوده روڊ جي سطح ۽ نئين مقرر ڪيل سطح جو واضح رڪارڊ تيار ڪيو وڃي ۽ اهو رڪارڊ عوام جي پهچ ۾ آندو وڃي. روڊ جي ڪم سان گڏ برساتي پاڻيءَ جي نيڪال جو مڪمل منصوبو ۽ ناليون، گٽرن ۽ پاڻيءَ جي وهڪري کي روڊ جي نئين سطح مطابق ترتيب ڏنو وڃي. سول سوسائٽي ۽ متاثرن جو پُرامن احتجاج، گڏيل درخواستون، پريس ڪانفرنسون، عوامي گڏجاڻيون ۽ قانوني جدوجهد جهڙا رستا موجود آهن. احتجاج جو مقصد روڊن جي تعمير روڪڻ نه پر اهڙي تعمير جو مطالبو هجڻ گهرجي، جنهن سان ماڻهن جي ملڪيت، روزگار ۽ رهائش متاثر نه ٿئي. چونڊيل نمائندن لاءِ اصل سوال اهو آهي ته هو پنهنجي تڪ جي شهرن ۾ ڪيترا روڊ ۽ گهٽيون ٺهڻ تي فخر ڪندا يا اهو به پڇندا ته انهن روڊن سبب ڪيترا ماڻهو متاثر ٿيا؟ سندن ذميواري رڳو اسڪيم منظور ڪرائڻ تائين محدود ناهي. عوام جي پئسن سان ٿيندڙ ڪم جي معيار ۽ ماڻهن تي پوندڙ اثر بابت سوال ڪرڻ به سندن فرض آهي.

ترقيءَ جو مطلب اهو ناهي ته سرڪاري ڪاغذن ۾ روڊ مڪمل لکجي وڃي ۽ زمين تي ڪنهن جو گهر پاڻيءَ ۾ بيٺل هجي. روڊ اهڙو هجي، جنهن سان سفر آسان ٿئي، دڪان جو ڪاروبار هلي، ڪلينڪ تائين مريض پهچي سگهن ۽ برساتي پاڻي گهرن ۽ ڪاروباري هنڌن لاءِ مصيبت نه بڻجي. روڊ مٿي ڪرڻ شايد هڪ فني ڪم هجي پر ڪنهن جي گهر ۾ داخل ٿيل برساتي پاڻيءَ سان ٿيل نقصان، دڪان جي بند ٿيل داخلا، خراب ٿيل سامان ۽ سالن جي محنت سان ٺهيل ملڪيت جو نقصان رڳو فني انگن اکرن سان ماپي نٿو سگهجي. ان جي پويان ڪنهن خاندان جي زندگي، ڪنهن دڪاندار جو روزگار ۽ ڪنهن بيمار ماڻهوءَ جي علاج تائين پهچ جو سوال هوندو آهي تنهنڪري هاڻي سنڌ ۾ هر روڊ منصوبي کان اڳ هڪ سوال جو جواب لازمي هجڻ گهرجي ته اهو روڊ ٺهڻ کانپوءِ پاڻي ڪيڏانهن ويندو ۽ پرياسي جا ماڻهو ڪهڙي سطح تي رهندا؟ جيڪڏهن ان سوال جو جواب منصوبي ۾ موجود ناهي ته پوءِ اهو منصوبو اڌورو آهي. سنڌ کي ترقي گهرجي پر اهڙي ترقي جيڪا ماڻهن جي زندگي آسان ڪري نه ڪي اهڙي ترقي جيڪا خلقِ خدا کي تڪليف پهچائي.

اڄوڪو ڏينهن ---- 13 سيپٽمبر

جمشيد بومن هومي واڊيا



جمشيد بومن هومي واڊيا فلمن جو مشهور پروڊيوسر، ڊائريڪٽر ۽ اسڪرين رائيٽر هو هن جو جنم 13 سيپٽمبر 1901ع تي سورت گجرات جي هڪ ...



1933ع تي خيرپور ميرس ۾ سيد رمضان علي شاهه جيلانيءَ جي گهر پنهنجي زندگيءَ جو سفر شروع ڪيو پاڻ خيرپور ميرس ...


مختيار انڙ

ٻارهين ڪلاس تائين تعليم لاڙڪاڻي مان حاصل ڪيائين ان بعد بي اي ۽ ايم اي (سنڌي) جون سنڌون سنڌ ...

محمد بخش سميجو

حڪيم محمد احسن




محمد موسيٰ مشڪور سومرو



محمد هاشم گهانگهرو



شمس الدين بلبل



دادي ليلاوتي هرچنداڻي



سيد خادم حسين شاهه

سيد قائم علي شاهه

شهر ويجهو رتا ڳوٺ ۾ مستقل رهائش اختيار ڪيائين ڏٺي جي ادبي محفلن ۾ اٿ ويهه سبب هن شاعري ڪرڻ شروع ڪئي سنڌس شاعريءَ ۾ حمد، نعتون، ڪافيون، بيت ۽ غزل وغيره شامل آهن شاعريءَ ۾ استاد يوسف پٺي ۽ مولوي عثمان پروان کان اصلاح وٺندو هو هن مزاحيه ۽ واقعاتي شاعري پڻ ڪئي آهي 1983ع ۾ بلدياتي چونڊن ۾ سوپ ماڻي يونين ڪائونسل ڪانڌڙا ...

روزاني عبرت

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
فيملي سوٽ نمبر 139 سال 2026

مسمات رابعه ڌيءُ دلشير مگنهار رهاڻڪ نگر خان چانڊيو تعلقو سڪرنڊ. پلينٽف. بخلاف. دلشير ولد هادي بخش مگنهار رهاڻڪ ڳوٺ شالماڻي نزد بائي پاس اسٽاپ تعلقو ماڃهند ضلعو ڄامشورو 03453177534 ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
فيملي سوٽ نمبر 96 سال 2026

مسمات عائشه ڌيءُ محمد ڪليم رحيم ذات آرائين ويٺل رحمت الله آرائين تعلقو ڪي اين شاهه. پلينٽف. بخلاف. اسد علي ولد محمد اختر آرائين ويٺل خانزاده ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ...ڊفينڊنٽس

.مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ ڏنل ڏاج جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 15-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي علي محمد ولد عبدالڪريم ڪوسو درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي عبدالڪريم ولد چاڪر ڪوسو جيڪو فوت ٿي ويل آهن فوتي کي ديهه بدين ٽپو بدين تعلقو بدين ۾ سروي نمبر 93 مان بچت ايراضي حصي موجب 868 فوٽ پلاٽ حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي ڪاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاٽي لاءِ جلسي عام غريب آباد شهر بدين تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل نالي فوتي عبدالڪريم ولد چاڪر ڪوسو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 علي محمد پٽ فوتي جو 2 صالح محمد پٽ فوتي جو تفصيل فوتي صالح محمد ولد عبدالڪريم ڪوسو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 اصغر علي پٽ فوتي جو 2 نور خاتون ڌي فوتي جي 3 آمنا ڌي فوتي جي 4 حاجران ڌي فوتي جي جائز وارث چٽيا آهن تنهڪري هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏنو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي ڪاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ ن ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هي اعلان عام اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو ته مان سيد شرافت علي ولد سيد عنايت علي سروي نمبر 203 بابت .N.O.C اين او سي حاصل ڪرڻ لاءِ درخواست جمع ڪرائي رهيو آهيان ڄاڻايل سروي نمبر 203 جي زمين 33 ايڪڙ ديهه ٽڪ مڪان ٽپو ڪلو ڪوهار تعلقو ٿانو بولا خان ضلع ڄامشورو، جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڄاڻايل يا ان جي ماپ/حدبندي بابت ڪنهن قسم ...

میڊيڪل سپرنٽينڊنٽ جو آفيس
لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال
حيدرآباد
مارڪيٽ روڊ، حيدرآباد
Ph:022-9210202Fax:022-9210208

ٽينڊر گهرائڻ جو اشتهار

لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد جو ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ايف بي آر / ايس آر بي جي ايڪٽو ٽيڪس لسٽ ۾ شامل سپلائرز / فرمن / مينوفيڪچررز / امپورٽرز / مجاز تقسيم ڪندڙن کان مالي سال 27-2026 لاءِ ٽينڊر جون شيون (جيڪي هيٺ جدول ۾ درج آهن) فراهم ڪرڻ لاءِ اي-پاڪ ايڪويشن اينڊ ڊسپوزيبل سسٽم (EPADS) ذريعي اي-بولين جي دعوت ڏئي ٿو. قاعدي-46(1) سنگل اسٽيج-ون لفافي جي طريقيڪار تحت. تفصيلي شرطن ۽ ضابطن تي مشتمل بڊنگ دستاويز /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڏسي يا ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون.

اليڪٽرانڪ بوليون صرف EPADS جي ذريعي جمع ڪرائڻ گهرجن. دلچسپي رکندڙ بولي ڏيندڙن کي اليڪٽرانڪ بوليون جمع ڪرائڻ لاءِ هيٺ ڏنل لنڪ تي اي پي اي ڊي سسٽم تي پنهنجو پاڻ کي رجسٽر ڪرڻو پوندو: https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

بڊنگ دستاويز ۾ ڏنل هدايتن مطابق تيار ڪيل بوليون EPADS تي 30-09-2026 تي صبح 10:30 وڳي تائين جمع ڪرائڻ گهرجن. هيٺ جدول ۾ درج هر ٽينڊر فس جو اصل اوزار (انسٽرومينٽ) بڊ سيڪيورٽي سان گڏ اي-بولين جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان اڳ لاڳاپيل اداري تائين پهچڻ گهرجي. جيڪي ساڳئي ڏينهن صبح 11:00 وڳي پتي: آفس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد تي کوليون وينديون.

س نمبر	تفصيل	ٽينڊر في	بڊ سيڪيورٽي
01	ميڊيڪل ۽ ليبارٽري جو سامان، سرجري جا اوزار، اسپيشلائزڊ آپريشن ٿيٽر (او ٽي) جا اوزار ۽ لاڳاپيل مريضن جي سنڀال جو سامان	Rs.3000	بڊنگ دستاويز ۾ گهربل فڪسڊ بڊ سيڪيورٽي
02	مشينري ۽ سامان جي مرمت	Rs.3000	بڊنگ دستاويز ۾ گهربل فڪسڊ بڊ سيڪيورٽي

نوٽ :(N.B.)

- اي-بڊنگ سان لاڳاپيل ڪنهن به سوال جي صورت ۾ آفيس آف دي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال حيدرآباد سان رابطو ڪري سگهجي ٿو رابطو نمبر.5-2-022-9210207
- جيڪڏهن حڪومت ڪنهن عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي يا ڪنهن اڻڄاتل حالتن جي ڪري، ٽينڊر / بوليون ساڳئي هنڌ ۽ وقت تي ايندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن تي جمع ۽ کوليون وينديون
- خريدار کي ايس پي پي آر رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سڀني بولين کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي ڪنهن به ڏکيائي جي صورت ۾، ممڪنه بولي ڏيندڙ ڪم ڪندڙ ڏينهن/ڪلاڪن دوران EPADS هيلپ لائين 051-111-137-237 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ
لياقت ميڊيڪل ڪاليج اسپتال
حيدرآباد

INF/KRY: 4042/26

WORK FOR SINDH — JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

SEZA
SPECIAL ECONOMIC ZONE AUTHORITY

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

آئوٽ سورس بنياد تي سب آرڊينيٽ ۽ ٻئي عملي جي هائرنگ

اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ SEZA کي "آئوٽ سورس بنياد تي سب آرڊينيٽ ۽ ٻيو عملو" فراهم ڪندڙ معتبر ادارن/فرمن کان آن لائن آڇون گهربل آهن.

2. واڪ دستاويز جنهن ۾ تفصيلي تشخيصي معيار، ڪم جو اسڪوپ ۽ ٻيون تفصيلون شامل آهن. SPPRA جي ويب سائيٽ /#/https://portalsindh.eprocure.gov.pk اي پيڊس (e-Procurement) سسٽم ۽ اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) جي ويب سائيٽ www.sezasindh.gos.pk تان 18 سيپٽمبر 2026 (جمعو) کان 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) تائين ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿيون.
3. پروڪيورمينٽ جو طريقو ڪليل مسابقتي واري آڇ لاءِ هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار هوندو. واڪ ڏيندڙن کي پنهنجون تجويزون SPPRA اي پيڊس پورٽل (https://portalsindh.eprocure.gov.pk) ذريعي اپلوڊ ڪرڻيون پونديون.
4. مالي تجويزن سان گڏ ڪل آڇ جي رقم جي 5% بڊ سيڪيورٽي (قابل واپسي) شامل هجڻ ضروري آهي. جيڪا پاڪستان جي ڪنهن به شيڊيولڊ بئنڪ مان پئي آرڊر، بئنڪ ڊرافٽ، يا بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ هجي. بڊ سيڪيورٽي آڇ جي ڪارآمدي مدي ڪانپوءِ سگهاري حد گهٽ ۾ گهٽ 90 ڏينهن لاءِ ڪارآمد هجڻ گهرجي ۽ "اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي" جي نالي تي هجڻ گهرجي.
5. مالي تجويزون کولڻ: فقط اهي فرمون جيڪي ٽيڪنيڪل تشخيص تي پوريون لهنديون. انهن جون مالي تجويزون کوليون وينديون ۽ وڌيڪ تشخيصي جاچ لاءِ غور هيٺ آنديون وينديون.
6. هارڊ ڪاپي ۾ تجويزون جمع ڪرائڻ: مڪمل تجويز (ٽيڪنيڪل ۽ فنانشل) جي هڪ اصل هارڊ ڪاپي، جيڪا EPADs پورٽل تي اپلوڊ ڪيل ورزن سان بلڪل ملندڙ جلندڙ هجي، اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي جي آفيس ۾ به جمع ڪرائڻ لازمي آهي.
7. جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ: تجويزون 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) منجهند 2:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ SPPRA اي پيڊس سسٽم ذريعي ڊجيٽل (آن لائن) جمع ڪرائيون پونديون.
8. آڇون کولڻ: آڇون 5 آڪٽوبر 2026 (سومر) منجهند 3:30 وڳي کوليون وينديون. ڪميٽيءَ جا سمورا نامزد ٿيل ميمبر SPPRA اي پيڊس پورٽل ذريعي آن لائن اجلاس ۾ شرڪت ڪندا.
9. واڪ ڏيندڙن کي روبرو حاضر ٿيڻ جي زوردار ترغيب ڏني وڃي ٿي. جيڪو واڪ ڏيندڙ تجويزون کلڻ جي اجلاس دوران موجود نه هوندو ان کي غير حاضر شمار ڪيو ويندو ۽ ان جي آڇ تي غور نه ڪيو ويندو.
10. غلط بياني: ڪوڙي يا گمراهه ڪندڙ معلومات فراهم ڪندڙ ڪنهن به فرم کي تشخيصي معيار يا ڪانٽريڪٽ جي عمل جي ڪنهن به مرحلي تي نااهل قرار ڏنو ويندو
11. پروڪيورنگ ايجنسي: اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA) ايس پي پي آر اي قانون 2010 (ترميم ٿيل) جي قانون 25(1) تحت ڪانٽريڪٽ ڏيڻ کان اڳ ڪنهن به وقت سڀني يا ڪنهن به آڇ کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.
12. اضافي شرط
    a. هيٺين شرطن تحت آڇون پاڻمرادو رد ٿي وينديون:
       - مشروط يا ٽيليگرافڪ جمع ٿيل تجويزون
       - بڊ سيڪيورٽي جو نه هجڻ يا غلط جمع ٿيل هجڻ
       - اصل بڊ سيڪيورٽي اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي (SEZA)، سنڌ جي آفيس ۾ جمع نه ڪرائي وئي هجي
       - مقرر ٿيل آخري تاريخ ڪانپوءِ وصول ٿيل درخواستون
       - بليڪ لسٽ ٿيل فرمن جي شرڪت
    b. سمورن واڪ ڏيندڙن پاران هڪ حلفنامو فراهم ڪرڻ لازمي آهي جنهن ۾ ان ڳالهه جي تصديق ٿيل هجي ته سندن فرم/ايجنسيءَ کي ڪڏهن به ڪنهن سرڪاري يا خانگي اداري بليڪ لسٽ ناهي ڪيو

INF-KRY/4046/2026

اسسٽنٽ مئنيجر پروڪيورمينٽ
اسپيشل اڪنامڪ زون اٿارٽي، سنڌ
پهرين ماڙ، بلاڪ A، ايف ٽي سي بلڊنگ، شاهراهه فيصل، ڪراچي
www.sezasindh.gos.pk ٽيليفون: 021-99207557
اي ميل: procurement@sezasindh.gos.pk

WORK FOR SINDH — A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، ناري سميت 5 ڄڻا زخمي

گلاب ويجهو موٽر وي تي هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻه عورتن سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا

سائٽ سپرهاءِ وي ٿاڻي جي حد چاڪر هوٽل جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 24 سالن جو نوجوان حماد خان پٽ خليل الرحمن فوت ٿي ويو

ڪارادر ٿاڻي جي حد ڪارادر ايم سلمان مٺائي واري جي ويجهو گودام مان 30 سالن جي نامعلوم شخص جو ڦندو پيل لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ 7 ڄڻا فوت ٿي ويا، جڏهن ته ناري سميت 5 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. تفصيل موجب گلاب سٽي ٿاڻي جي حد ايم-9 موٽر وي تي هڪ خانگي هائوسنگ سوسائٽي ويجهو ٽريفڪ حادثي ۾ هڪ شخص فوت ۽ ٻه عورتن سميت ٽي ڄڻا زخمي ٿي پيا. ريسڪيو عملدارن موجب اڻڄاتل گاڏي ڪار کي ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪار روڊ جي ڪناري تي هلندڙ ماڻهن مٿان چڙهي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5



حيدرآباد: مزدور اتحاد واٽر سيوريج ملازم مطالبن جي حق ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

ڪپرو ۾ جسقم ڪارڪنن پاران شهيد دولهه دريا خان جي 506هين ورسي تقريب، لفظن جي پيتا پيش

ڪپرو (ع) جيئي سنڌ قومي محاذ (جسقم) جي مرڪزي پريس سيڪريٽري آزاد ڪنڀر شوڪت بڙدي، ياسر احمد ۽ ٻين قومي ڪارڪنن شهيد دولهه دريا خان جي 506هين ورسي جي موقعي تي ...



ملتان: هڪ نوجوان بڪرين جو ڌڻ ڪاهي وڃي رهيو آهي

ڪمبٽ ۾ پ پ صدر جي هٿان خلاف ناريجا برادري پاران احتجاجي ريلي





ٽنڊوآدم ۾ زيادتي بعد بي دردي سان قتل ڪيل معصوم نياڻي جو ڪيس داخل، جوابدار گرفتار

نينگري جي پيءُ قاسم انصاري جي فرياد تي جوابدار قاسم ڪنڊاڻي خلاف قتل ڪيس تي داخل

پوليس ڪيس داخل ٿيڻ بعد جوابدارن کي ڇاپا هڻي گرفتار ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني

معصوم نينگري جي آخري رسمن ۾ سياسي سماجي تنظيمن توڙي انتظامي عملدارن جي وڏي انگ ۾ شرڪت

ٽنڊوآدم (رپورٽ: شيراز سمون) ٽنڊوآدم ۾ مبينا جنسي زيادتي ڪانپوءِ بي دردي سان قتل ڪيل 5 ورهين جي معصوم نياڻي دعا ذيءُ قاسم علي عرف آصف انصاري کي سوين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو پوليس نينگري جي پيءُ قاسم علي عرف محمد آصف انصاري جي فرياد تي جوابدار قاسم ولد عبيدالله ڪنڊاڻي خلاف قتل ڪيس تي داخل ڪيو ويو آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته جوابدار نينگري کي اغوا ڪري

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: مارجي ويل ٻارڙي ۽ گرفتار ڪيل جوابدار (فائيل فوٽو)

ٽڪ ٽوڪ جو شوق نوجوان هلندڙ ٽرين مان موبائيل ڦرائي ويٺو

هلندڙ ريل ۾ ٽڪ ٽاڪ ٺاهيندڙ حيدرآباد واسي جو فون شاهينگ کٽي ويو

ايمرجنسي بريڪ هڻي ڦورو کي پڪڙڻ جي وڏي ڪوشش ڪئي پر ناڪام ٿي ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) ڪوٽڙي ٿائڪ وٽ ڪراچي کان ڪوٽڙي اسٽيشن طرف ويندڙ ٽرين مان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ ڀاڄوڻي جي پراسرار موت جو معاملو قبرڪشائي جو حڪم

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5



ميرپورخاص: آءِ ايس آءِ شاهه شيرازي اجتماع کي خطاب ڪندي

سنڌ جي درگاهن جي گاديءَ نشينن کي هٿن ۾ هٿ ڪڙين جي ڪالاڪي

ميرو ويجهو ٽريڪٽر جي ٽڪر ۾ ٽي ڀائرن جون لاشون پهچي پيون



حيدرآباد: ٽنڊو ڄام روڊ تي وڪرو لاءِ بڪريون کڻي وڃي رهيو آهي



ٺٽو/ نوشهروفيروز: جسقم بشير قريشي جي سربراهي ۾ ميڊيا سان ڳالهائي رهيا آهن

خيرپور ناٿن شاهه ۾ شڪارپور جي شاگرد عمر لاشاري جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

خيرپور بار پاران سنڌ ورهائڻ ۽ ٺڪاڻن جي عنوان هيٺ احتجاجي ريلي



مورو: جسقم سربراهه رياض چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ ٽرانسفارمر ٺاهيندڙ ڪارخاني ۾ مستري ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

ڏڪڻي پريس ڪلب ۾ اٽڪل ڪالوني جي مسئلن بابت پريس ڪانفرنس

شڪارپور: ايم اين اي صائم آغا جي عمر لاشاري جي وارثن سان تعزيت

دڪڙي پريسان نوجوان گولي لڳڻ سبب فوت، جاچ شروع





نوشهرو فيروز: آءِ آر جي شهيدن جي ياد ۾ منعقد ڪيل تقريب جو ڏيک

گلوبل سائنس ڪاليج ۾ لاڙڪاڻي ۾ عيدميلادالنبي جي محفل

JOIN PAKISTAN NAVY
AS PN CADET IN ENGINEERING BRANCHES FOR PERMANENT COMMISSION

TERM 2027-A





ELIGIBILITY CRITERIA

Male Citizens of Pakistan
Age on 15 May 2027
Civilians (Unmarried) **16 1/2-21 years**
Service Candidates **17-23 years**
(Armed Forces in Uniform only) (Married/Unmarried)
Height 5' 4" (Minimum)

Registration: 13 Sep 2026 to 11 Oct 2026

EDUCATIONAL QUALIFICATION

The candidate must have passed both Matric and F.Sc or O/A level with at least 60% marks with following subjects (Pre-Engineering):

PHYSICS, MATHS & CHEMISTRY

- **Pre-Medical students may also apply, provided they qualify additional mathematics in their F.Sc or A Level studies before 15th March 2027**
- Candidates of O/A Level are required to submit IBCC equivalence certificate
- F.Sc appearing candidates with at least 65% marks in part-1 can also apply. They are required to provide a hope certificate from the head of respective college/institute and completion of F.Sc/HSSC equivalent examination before 15th May 2027
- If a candidate fails to attain 60% marks after providing hope certificate he will be disqualified at any stage of selection process/discharged during training

For Information & Online Registration Visit:
www.joinpaknavy.gov.pk Pakistan Navy Recruitment online @pnrectt

FOR QUERIES: VISIT NEAREST PAKISTAN NAVY RECRUITMENT & SELECTION CENTRE

Abbottabad / Faisalabad / Gilgit / Gwadar / Hyderabad / Karachi / Kharian / Lahore / Multan / Muzaffarabad / Peshawar / Quetta / Swat / Sialkot / Rawalpindi / Rahim Yar Khan / Sukkur / Shaheed Benazirabad

PID (I) 2431-D/26

آڳوري: ايس ايڇ او ڪامل پيرو ۽ اهلڪار ننار جو ملزمن کي عدالت ۾ پيش ڪري رهيا آهن

ٽنڊوالهيار ۾ شاعر محمد علي ميرجت جي طبيعت ۾ سڌارو نه اچي سگهيو

ٺلهار ۾ منشيات جي ڪاروبار جي خلاف هڪ وڏو نوجوان زندگي جي بازي هارائي ويٺو

گڏيجي پوليس پاران مقابلي بعد ڏوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ريجنل يونين آف جرنلسٽ جو بنيادي مقصد صحافين کي رليف ڏيارڻ آهي: عبدالمجيد پنهور

لاڙڪاڻي ۾ فرانسيسي ٽيڪس پاران دل ڪري خلاف احتجاج

ڪمال ديرو واسي پيرسن نموني ماں ڪرڻ لاءِ وارثن پاران گورنر کي مدد جي اپيل

SUKKUR IBA UNIVERSITY

CAREER OPPORTUNITY PROJECT BASED



Sukkur IBA University invites applications purely on Project Based for the period of one year (**extendable on satisfactory performance** maximum up to completion of the project for the HEC Funded project titled **"Establishment of Nisar Ahmed Siddiqui Technology (NASTech) Park at Sukkur IBA University"**) from dynamic, qualified and result-oriented candidates for following position:

1. Accounts Assistant (PPS-06)

Minimum Qualification
14 years of education in Finance / A&F / Accounting / Commerce from HEC recognized University. **Experience:** Minimum 2 years relevant experience.

Guidelines to Apply **Age Limit: 21 - 28 years**

1. Interested candidates may submit online applications at **http://apply.iba-suk.edu.pk**
2. After submission of online applications, candidates may download system generated **challan of Rs. 3500/-** Challan can be deposited in any branch of **ABL Bank.**
3. Candidates are required to upload their required HEC attested degrees, CNIC, Domicile, PRC, relevant experience certificates, one recent photograph & deposited challan when applying online.
4. Candidates already in government services must apply through proper channel.
5. Providing fictitious, exaggerated or misleading information shall result in rejection of application and termination of employment at any stage.
6. Late or Incomplete application shall not be considered. Therefore, all documents e.g. degrees, certificates, NOC, and referees should be submitted/uploaded along with the application.
7. Only shortlisted candidates who meet the criteria shall be contacted for a Written Test/Interview at the mailing address.
8. No TA/DA shall be admissible for Written Test/Interview.
9. The Competent Authority reserves the right to accept or reject any or all the applications without assigning any reason thereof and cancel the whole recruitment process.
10. **The last date for applying online is October 05, 2026.**

LAST DATE TO APPLY 05th OCTOBER 2026

HRM SECTION - SUKKUR IBA UNIVERSITY
Nisar Ahmed Siddiqui Road, Sukkur. **Ph:** 071-5644346, 5644122

هي اخبار پرنٽر ناشر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي.